# بارش کا پیو



ذوالفقار سیال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بارش ڪانپوءِ

(شاعري)

ذوالفقار سيال

سچائي اشاعت گھر - دڙو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو : بارش کانپوءِ
موضوع : شاعري
شاعر : ذوالفقار سيال
ايڊيشن : پهريون، نومبر 2007ع
ٽائيٽل ڊزائن : منور ابڙو
لي آئوٽ : مور ساگر
ڪمپوزنگ : منظور احمد جوڻيجو، شاهد شاهه
(الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس رابعه اسڪوائر حيدرآباد. فون:2787839)
ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گهر_دڙو فون: 0301_3640468
سهڪار : سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۽ چانڊوڪي پبليڪيشن لاڙڪاڻو

قيمت: 100 روپيه
پڪو جلد 150 روپيه

BARISH KHAAN POE

By: Zulfquar Saiyal

Edition:_Frist_2007

Published by: Sachai Ishiat Ghar Darro, Sindh, Pakistan.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

طارق اشرف
هري مونواٽي
۽ پنهنجن سيني
"محبوبن"
ڏانهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو شعري مجموعو ”بارش ڪانپوءِ“ حاضر آهي. ذوالفقار سيال سنڌيءَ جو نهايت پختو سيبتو ۽ سٺو شاعر آهي. سنڌس شاعري ۾ فن سان گڏ فڪر جو به پڙاڏو آهي. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ٻولي جي ٿورن شاعرن مان هڪ آهي، جن جو صحيح معني ۾ ”فن شاعري“ جو اڀياس ڪيل آهي ۽ سندس شاعري ان تي پورو ٿي لهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال موسيقي سان دلچسپي ۽ اُن جي ڄاڻ پڻ رکي ٿو ۽ سندس شاعري سنڌي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي خوب داد حاصل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ خوب لکيو آهي. سندس ٻاراڻي شاعري جا اَٺ مجموعا ڇپجي چُڪا آهن. ايئن چئي سگھجي ٿو ته ذوالفقار سيال سنڌي ٻولي جي انهن شاعرن مان آهي جن ٻار يعني آئندي جي معمار جي تربيت لاءِ پڻ لکيو ۽ ٻارن لاءِ لکڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪونهي، ان لاءِ ٻاراڻي سطح تي لهي سوچڻو ٿو پوي.

ذوالفقار سيال، سٺي شاعر ۽ نثر نويس سان گڏ بهترين تنظيمي صلاحيتون پڻ رکي ٿو. گذريل ڪن سالن کان پاڻ جنهن محنت ۽ همت سان سنڌي ادبي سنگت جي سرواڻي ڪئي اٿائين. اهو ڏسي چئي سگھجي ٿو ذوالفقار سيال جي جاءِ فقط ذوالفقار سيال ئي ڀري سگھندو.

**يوسف سنڌي**

ڪراچي- ٢٠٠٧-١٠-٢٠



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لاشعور جو شاعر

”رڻ سجو رت ڦڙا“، ”ڳاڙها هٿ پيلا چهرا“ ۽ ”چهرا چنڊ گلابن جهڙا“ جي شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سان منهنجي ٽن ڏهاڪن کان دوستي آهي. دوستي به اهڙي جو هَٽ پري. انهيءَ ڊگهي عرصي ۾ ڪيئي ڀيرا مليا هونداسين ۽ وڏو عرصو نه به مليا هونداسين. پر اسانجي محبتن ۽ حجتن ۾. ترجيتري به کوٽ نه آئي آهي. ۽ اسانجي دوستي ۽ محبت ڀرين ڏينهن واري سرجوشي تپاڪ ۽ پاپوهه سان موجود آهي.

ان پائدار محبت جو وڏو ڪارڻ، دل جي سچائي آهي. اسان ٻنهي جو وچ ۾ ڪوبه اهڙو مطلب يا لالچ ناهي جو ويڇو پيدا ٿئي. هو جيترو ٻاهران اجرو ۽ اڇو آهي، من جو به ايترو ئي صاف، شفاف ۽ نرمل آهي.

طبعي طور تي ٻاهران کان اسين ٻئي سرڪش، اڏول ۽ بيپرواهه ضرور نظر ايندا هونداسين، پر جن جي ذوالفقار سان گهڻ ڀلائي آهي، تن کي پليءَ پت خبر هوندي ته هو اندر جو ڪيهه جي پوٽيءَ جيان نه رڳو نرم، نازڪ ۽ گداز آهي، پر ايترو نرم جڻ پاڻيءَ جو ڦوٽو!!

ڪنهن جو ڏک نه ڏسي سگهڻ وارو شاعر، حساس، مهربان ۽ پرجوش.

اسان وٽ وڏا وڏا شاعر بلاشڪ ته گهڻا پيدا ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا، پر ڏک آهي ته هڪ ڊگهي عرصي کان، سنڌ ڪو وڏو ماڻهو پيدا نه ڪري سگهي آهي.

ذوالفقار سيال پاڻ کي وڏي ماڻهوءَ طور ڪليم ته ڪونه ٿو ڪري، پر سماجي زندگي ۾ هن جو ڪردار ۽ ادبي دنيا ۾ هن جي خدمتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيترو وڏو ماڻهو آهي.

ان کان وڏو ماڻهو ٻيو ڪير هوندو جيڪو ادب، اديبن ۽ تنظيم جي لاءِ پنهنجي هڙان وڙان ڏينهن رات وروڙي هڪ ڪري، سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين هلندو رهي ٿو.

گذريل 23 سالن جي ڊگهي عرصي ۾ اسانجي قومي تنظيم جي قابض



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن قسم جي نيپوٽسٽ ۽ ڪريٽ ڪلچر ڪي هٽي ڏني ۽ جيون جي سگهاري ۽ ماٺيپي وارن قدرن ڪي نگهوسار ڪيو ان جي پيٽ ۾. ذوالفقار هڪ مختصر عرصي اندر سنگت جي تنظيم ۾ پيدا ٿيل ارهه زوراين جو انت آندو آهي. نهايت جانفشاني سان ڀنڊڙ ديوار ڪي عقل، شعور ۽ خدمت جا پشتا ڏيئي نه رڳو سگهارو ڪيو آهي، پر اهڙيون روايتون به وڌيون آهن جن لاءِ اميد اٿم ته ايندڙ دور جا نوان عهديدار ذوالفقار سيال جي خدمتن ۽ ڪردار جي روشنيءَ ۾ هڪ نئون باب رقم ڪندا. ۽ ذوالفقار جي پيروي ڪندي، سنڌي ادبي سنگت کي سچ پچ اديبن جي نمائنده تنظيم بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا.

مون جيئڻ مهڙ ۾ به عرض ڪيو ته هن کان اڳ ذوالفقار سيال جا 3 شعري مجموعا وڏي آب تاب سان شايع ٿي چُڪا آهن ۽ هي سندس چوٿون شعري مجموعو آهي جنهن کي سندس . شعري مجموعي، "چهرا چنڊ گلابن جهڙا" کان اڳ اچڻ گهربو هو.

"بارش ڪانپوءِ" شعري مجموعو مرحوم طارق اشرف ڪي، ذوالفقار سيال جي سالگره جي موقعي تي يعني 28 مئي 1992 ڌاري شايع ڪري پڌرو ڪرڻو هو. پر طارق اشرف مرحوم جي 14 اپريل 1992 تي اوچتي لاڏاڻي جي ڪري هي چپيل ڪتاب، الائي ڪهڙي بائنڊر وٽ رهجي ويو.

سنڌي قلمڪار حادثا در حادثا جاليندو رهيو آهي. ذوالفقار سيال به سکر گهر جو فرد هئڻ جي باوجود، سماجي طور تي اهڙن حادثن سان ضرور منهن ڏنو هوندو جيڪي سيني کي پيش ايندا رهن ٿا. جن مان طارق اشرف جو وڇوڙو به هڪ نوعيت جو حادثو آهي، اهڙو حادثو جو هڪ ڪتاب جو جنم ۽ موت ساڳي عهد ۾ هڪ ئي وقت پيش اچي ٿو.

"بارش ڪانپوءِ" ذوالفقار سيال جي 1985 کان 1990 جي عرصي جي شاعري آهي، اهو عرصو سنڌ جي حوالي سان عجيب دور آهي. اهڙو دور جنهن ۾ سنڌي ماڻهو غليظ آمريت جي هٿان وڏا ڦهر ۽ عتاب سٺا ۽ بعد ۾ ڪجهه عرصي لاءِ عام بدران خاص ماڻهن، عوامي راڄ ۾ عياشيون به ڪيون. سنڌ جو عام ۽ مسڪين ماڻهو جيڪو ڪالهه به ڏچي ۾ هو ۽ اڄ به سوڙن ۾ آهي.

"بارش ڪانپوءِ" وارو نالو منهنجي نظر ۾ ضيائي آمريت جي رياستي جبر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي خلاف هڪ ڀرپور سياسي ۽ ادبي استعاري طور بہ ظاهر ٿيو آهي. (جيڪو صحيح وقت تي ظاهر نہ ٿيو).

"بارش ڪانپوءِ" ذوالفقار سيال جي رياستي جبر خلاف مزاحمتي شاعري جو هڪ انداز آهي. ذوالفقار سيال، بنان ڪنهن دعويٰ ۽ هام هڻڻ جي خاموش طريقي سان، پنهنجي دور ۽ دور جي ماڻهن خاص طرح سان سنڌي ماڻهن جي ڪسمپرسي وارين حالتن خلاف مهاڏو اٽڪائيندو ٿي رهيو آهي. هو جنهن سماجي رتبي تي فائز آهي انجي پرواهہ بہ نہ ڪندي هن ڀوهي ۾ هٿ پئي وڌا آهن ۽ اها هن جي ڪمٽمينٽ آهي. ڇتي ڪمٽمينٽ جيڪا ڪيس علمي، ادبي ۽ سياسي طور تي هڪ خاص مقام تي پهچائي ٿي. ۽ هن مجموعي ۾، ذوالفقار سيال سنڌ ۽ سنڌين جي ڏکي صورتحال جي تناظر ۾ جو ڪجهہ لکيو آهي، وڏي همت ۽ برجستائي سان لکيو آهي، ذوالفقار جي شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ سان اها ڳالهہ بہ آڏو اچي ٿي تہ هو پنهنجي خيال جي تحفظ لاءِ ردم کي پڻ قربان ڪيو ڇڏي ٿو. پر خيال ۽ خيال جي وهڪري ۽ انجي ڪميونيڪيشن تي سودي باري نٿو ڪري. شعر ۾ هن جو نقطہ نظر ۽ فلسفو اهو آهي تہ اوهانجو خيال ان عام ماڻهوءَ تائين پهچي جنهن لاءِ اوهان تخليقي عمل ڏنو آهي، هن جو پنهنجو حلقو آهي. پڙهندڙن جو.

انهيءَ نقطہ نظر سان ممڪن آهي، ڪو اختلاف بہ رکندو هجي، پر منهنجي خيال ۾ ڏکهي ڏکهي ماضي ۾، غالب جهڙي شاعر جي ڪلام ۾ هڪ اڌ جاين تي اهڙي نقطہ نظر جو اطلاق نظر اچي ٿو.

ذوالفقار سيال غالب تہ ناهي، پر پنهنجي جذبي کي خيال جي اڏام سان هڪ سادي ڊڪشن سان، پنهنجي سادن ماڻهن تائين برجستائي سان پهچائي ٿو. ذوالفقار شاعريءَ جي ڪيترين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

هن بيت، وايون، نظم، چارسٽا، غزل ۽ هائيڪا ۽ ٻين صنفن تي بہ لکيو آهي. هن جي بيت ۽ وائي ۾ غنايت آهي، هن جي نظمن ۽ چئو سٽن ۾ شديد مزاحمت نظر اچي ٿي. جيڪا محض لفاظي ناهي، پر حالتن هن جي سيني کي مضراب جيان ڇيڙيو آهي ۽ هن مهاڏو اٽڪائيندڙ شاعري تخليق ڪئي آهي.

نظمن ۾، نئون سال، اچو گهنڊ وڄايون، پيار، امن، ظلم، ماڻا، مون توکي اڳ بہ ڇيو هو زندگي، جنگ، فرق، ۽ ٻيا نظم هن جي شعوري تجربي جي وڪالت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪن ٿا. هو انقلابي بہ آهي تہ روماني بہ آهي، اصل ۾ ذوالفقار سماجي ويڙهاند ۾ مختلف ڪيفيتن هيٺ تخليقون ڏنيو آهن. اهڙن لمحن ۾ سندس لاشعور ۾ جيڪي عڪس موجود آهن. هو انهن کي شاعراڻي سچائي سان پيش ڪري ٿو.

موضوعاتي طور تي ذوالفقار پنهنجي عهد جي همعصرن کان ان ڪري بہ نرالو ۽ ڌار آهي جو هن جو پنهنجو تجربو آهي ۽ ذاتي تجربي ئي فنڪار ۽ قلمڪار کي گهڻي عرصي تائين زنده رکي سگهي ٿو يا ميٽا ڏيئي سگهي ٿو.

**تاج بلوچ**

۲۵ مئي ۲۰۰۷ -ڪراچي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيتا

شاعِر ذوالفقار
ڪرايا جنهن سنڌ کي
سورنهن ئي سينگار
●

ذوالفقار سيال
منهنجي سنڌ ساٿيهه جو
مستقبل ۽ حال
●

مون زلفي جي ڪاڻ
آندي آ پيٽ شاهه ۾
سنڌوءَ جي سُرهاڻ
●

**تاجل بيوس**

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاعر پاران

هي 1992ع جي ڳالهه آهي. طارق اشرف هي ڪتاب "بارش ڪانپوءِ" سهڻي پبليڪيشن طرفان ڇپائڻ پئي چاهيو سنڌيڪا مان ان جي ڪمپوزنگ ڪرائي، پيسٽنگ ڪرائي، ڪنهن پريس کي ڏنو. جنهن جو بيڪ ٽائيٽل ڊاڪٽر تنوير عباسي لکيو. پوءِ طارق اشرف 14 اپريل 1992ع تي گذاري ويو ۽ خبر ناهي هي ڪتاب ڪاڏي هليو ويو. مون نور احمد ميمڻ کي گذارش ڪئي ته هن جا بٽر ڪيڏي ڏي، جنهن ڇيو ته اسان ڊليٽ ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ ڪراچيءَ جي پريس وارن وٽان مون ڪوشش ڪئي ته ڪتاب ڳولهيان، پر ڪٿي به ڪو ڏس پتو نه پيو مون وٽ ڪتابي صورت ۾ مسودو پڻ تيار نه هيو باقي شاعري مختلف جاين ۽ ڊائرين ۾ لکيل هئي. پوءِ شاعري ٻيهر ترتيب ڏئي هي اوهان تائين ڪتابي صورت ۾ پهچائي اٿم.

هي شاعري جو سفر هڪ تاريخي باب، وقت جو نوحو ۽ احساسن جي ترجماني آهي. "پنجڪا" هڪ نئين صنف آهي ۽ مون ان متعلق هڪ مضمون روزانه هلال پاڪستان ۾ ان وقت لکيو هيو جڏهن ادبي صفحي جو انچارج هدايت منگي هيو. بهرحال شاعري جو سفر پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي.

هن ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ، مان يوسف سنڌي جو ٿورائتو آهيان. هن ڪتاب ۾ غزل ۽ گيت کانسواءِ باقي ٻيون صنفون به شامل آهن. هن ۾ دير ڇو ٿي؟ اهو ٻڌائڻ ان ڪري به مناسب ڪونهي ته ڪيترا پرده نشين ۽ پرده پوش ظاهر ٿيندا. جيڪو وڏيڪ اختلاف جو سبب ٿي سگهي ٿو.

**ذوالفقار سيال**

ڪراچي ٢٠٠٧-٠٤-٢١

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بارش ڪانپوءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner





books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکين ۾ اوجاڳا، تن ۾ تنهنجي تات،
توکي ساريِ سپرين، نيڻن ۾ برسات،
آءُ هليو تون رات، بت ۾ باهہ لڳي وئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## بيت

راڻا ڇو رسي وئين، آئين ڇو نہ سوير،
پڻون پنهنجا پير، تنهنجي راھہ رلي ٿيا.

چنڊ چوڏهين ايريو راڻا آئين رات،
انگ انگ، جوڀن مهڪيو آئي آ پربات،
مونکي تنهنجي تات، آئين ڇو نہ اوير ٿي.

اکين ۾ اوجاڳا، تن ۾ تنهنجي تات،
توکي ساري سپرين، نيڻن ۾ برسات،
آءُ هليو تون رات، بت ۾ باھہ لڳي وئي.

راڻو راڻو ٿي ڪيا، راڻو رُٺو ڇو؟،
سونهن برابر سوجهرو جنهن راڻي مٽ نہ ڪو،
آيو آهي پوءِ، ڦٽا قول بدن مان.

جوڀن جوت ڦٽي پئي اکين ۾ آرس،
تنهنجو هٿ پارس سارو سون ڪري ويو.

ڇپيا پنهنجا ڇپ ٿي، اکين ۾ آ تاءُ،
آءُ هليو تون آءُ، گڏجي ويهون پاڻ ۾.

صديون سا ٿي رات، توبن جيڪا گذري،
مونکان نہ وسري، تنهنجي خوشبوءِ پيار جي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وائي

آئيني ۾ جهاتي پائي، پاڻ پئي شرمائي
چوٽيءَ گل لهرائي.

هوءَ تي پنهنجا وار وکيري، جڳ سڄو مهڪائي
چوٽيءَ گل لهرائي.

گهوري گهوري اکيون پوري، نيڻن کي ڇلڪائي
چوٽيءَ گل لهرائي.

مرڪي ڇرڪي منهنجي جهولي، پنهنجو پاڻ لڪائي
چوٽيءَ گل لهرائي.

انگ انگ ۾ ڪا خوشبو اوتي، پنهنجا وار وڇائي
چوٽيءَ گل لهرائي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وائي

ڳاڙها ڳاڙها گل ٽڙن ٿا، پسي تنهنجا ڳل
تون آ منڊ بهار جي.

ساهن ۾ سرهاڻ گهلي ٿي، سپنا سپ وڪريل
تون آ منڊ بهار جي.

پنهنجو پيار نماڻو آهي، ديوانن جا هُل
تون آ منڊ بهار جي.

تنهنجي خاطر موٽي آيس، جهول ۾ جهلي گل
تون آ منڊ بهار جي.

منهنجي ياد نہ وسري سگهندئي، توکي آهي پل
تون آ منڊ بهار جي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وائي

ميندي؏ رتي يون پچي پئي – ڳاڙها گل ٽڙن
اڪن ڦول ڦلاريا.

روز هوائون سرهيون جهومن، خوشبو ڪيت ڏين
اڪن ڦول ڦلاريا.

ساوڻ سهسين ساٽ سجايا، بوندون ٿيون برسن
اڪن ڦول ڦلاريا.

انبن جي چو اوٽ ٿيو آن، پاڇا تا ڏسجن
اڪن ڦول ڦلاريا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner





books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت آ تلوار سائين،
وقت هڪڙي ڌارا،
وقت آهي جيت ڪنهن جي،
وقت ڪنهن جي هار.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظم

## نئون سال

هتئين خالي، ڇئووانن تي،
لانگ بوٽن ۾ ئي ڇتجي،
اسان گھٽو ئي وڃايو آهي
اکين جا ڳوڙها به پي ويا هون.

اداس ساهن ۾ زهر اوتي،
پنهنجن ڇپن کي سبي وياهون،
نئين صبح جي ئي آسري ۾،
طويل راتين ۾ جي رهيا هون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ڌنڌ سارا ۽ ڪارا پاڇا،
آ روشنيءَ تي اڃان ٻه پهرو،
تڪي ڏسي راهه سوجهرن جي،
اسان جو پٽڙ ٿيو آ ڇهرو.

اُداس لمحن جي جهول ۾ ٿي،
اسان جي آسن جا خواب پلجن،
۽ خنجرن جي ئي نوڪ تي تا،
اسان جي پيارن جا پهر سرجن.

نئين رت جي نئين سمي ۾،
اسان کي سوريءَ سڏيو ويو آ.
مگر اسان جو ٻه ظرف ڏسجو
جتي ٻه ڪو ڏيئو جليو آ

اسان اُتي ئي آ خون پاريو
وري سويرن جو ساٿ ساري،
اسان اي لوڪو! آ پاڻ ماريو.

مبارڪ اوهانکي نئين سال جي
اسان تہ زخمن کي آ سنواريو،
نئين رت جي، نئين سمي ۾،
اچو ۽ آسون وري ڪي واريو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيار

پيار رڳو هڪ نالو ناهي
پيار ڇهاءُ آهي جذبن جو
پيار جو صرف حوالو آهي
پيار هڳاءُ آهي ذهنن جو

پيار ڪلر ۾ ڄڄ ٻوٽو
پيار سانوڻ ۾ ٿڌڙو جهونٽو
پيار اکين جو آرس ڪوئي
پٿرن ۾ ڄڄ پارس ڪوئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار پَکين جي لات جيان آ
تر ۾ چڻ برسات جيان آ
پيار صبح جي هير جيان آ
يادن جي ڪنهن وير جيان آ

پيار گلن جو چڻ تہ ڦُلڻ آ
مُنهن تي وارن جو تہ اُڏڻ آ
پيار اکين جو مُرڪڻ آهي
گهورون، ديدون ڇَرڪڻ آهي.

پيار فجر جي ننڊ جيان آ
مصري، ماکي، کنڊ جيان آ
پيار گهٽو آ، پيار آ تورو
پيار ڪڏهن نہ ٿئي ٿو پورو
پيار سمونڊن ۾ جيئن ڇوليون
پيار پَکين جون منڙيون ٻوليون
پير پوياڙي جو تہ پهر آ
قرب پريو چڻ هر شهر

هر ذري ۽ هر صورت ۾
پيار آ ظاهر هر مورت ۾.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اچو موڪل جو گهنڊ وڄايو

چئن پاسي متل آهون ۽ ڪوڪون
مچي راڙو ۽ ڪوئي هل ويو آ
خبر ناهي، ويا استاد ڪيڏانهن؟
نہ ڪوئي سڏ، واڪو ڪن پيو آ.
يتيون اسڪول جون ڏاڍيون يُتيون هون
اسان معصوم ٻارن تي ڪري پيون
اچو واهر ڪريو ڪائي اسان جي
لڳي بک، اُڄ بہ ڏاڍي گهٽي آ
اسان ڪاڏي نہ نيرن اڄ بہ آهي
نہ تي آهي رسيس ۽ ڪائي موڪل
اچو واهر ڪريو ڪائي اسان جي
امان، ادي، ابا ۽ ڀاءُ منهنجو
اڃا ماني ڏيڻ بہ ناهي پهتو
ابو نڪري مزدوري تي ويو آ
امان گهرجي ڪمن ۾ رڌل آ
اچو جلدي ڪريو موڪل اسان جي
ڪٽي موڪل جي گهنڊ ڪي ٺي وڄايو
اڃا استاد ڪوئي ناهي آيو
اسان کي دير ڏاڍي تي وئي آ
اسان جي ماءُ، پيءُ کي سڏايو
اچو موڪل جي گهنڊ کي ٺي وڄايو
اسانجو ساهہ تو منجهندو وڃي هي
اچو جلدي ڪريو جلدي ڪريو سڀ
اسان کي عيد بہ ڪرڻي تہ آهي
اچو موڪل جي گهنڊ کي ٺي وڄايو.

◈

(زلزلي ۾ دٻجي ويل ٻار جي پُڪار)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## امن-ظلم

مال متاع ۽ تخت نہ چاهيون
گادي نشيني، تاج نہ گهرجي
مونجها منهنجا مارو سيئي
هت جيئڻ لاءِ پيار تا چاهن
بک ۾ پيڙيل آهن جيڪي
جن کي آزارن آ لوڙايو
هر ڪنهن ساهہ آ زخم پرايو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن ٻه پيڙا رات ٻه سور
جن کي ننڊ نه کو آرام
در ۾ جهاتيون من ۾ ڪاتيون
پلڪن تي ڦهريلا اوجاڳا
زخم ڪُرن ٿا، ملم گهرن ٿا
ٻک مرن ٿا، ماني گهرن ٿا.
ملڪ بچائڻ چاهين ٿو جي
زخم مٽائڻ چاهين ٿو جي
پيار ورهائڻ چاهين ٿو جي
مرڪ سجائڻ چاهين ٿو جي
وقت ورائڻ چاهين ٿو جي
تن جي چڪنا چور بدن تي
ڦٽ ڦٽيل ناسور بدن تي
پيار پهو پهچائي ڇڏ
تنهنجا عمره، حج، زڪات
۽ هي سڀ اسلامي نعرا
تنهنجون ساريون هي پاليسيون
صرف ٺڳي آ، ڪجهه به ناهي
امن جي نانءُ تي ظلم ڪرين ٿو
پنهنجي دور کي ڏيگهه ڏئين ٿو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مون توکي اگ ۾ چيو هو......

مون توکي اگ ۾ چيو هيو نہ
تہ وقت مرهم ۽ زخم آهي
ڪڏهن ڏئي تو هي ساٿ سڀ جو
ڪڏهن تہ ڪنهن جو سونهون بہ ناهي
پسند ۽ نا پسند ڪهڙي
گهڙي پلڪ جو سمو سهانو
عذاب بڻجي هميشہ ويندو
مون توکي اگ ۾ چيو هيو نہ
۽ هاڻ توکي وري چوان پيو
تہ پيار جي رت بہ موسمن جيان
ڦري پوي ٿي مگر ڏسان تو
مون توکي اگ ۾ چيو هيو نہ
تہ ساٿ پنهنجو هي پيار جو آ
نہ آزمائش جو رکجاڻ لمحو
سچو سمو اعتبار جو آ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ماٽان

تنهنجا ماٽا مان بہ نہ چاٽان
ڪنهن سان رکندي پنهنجو لاڏ
هر ڪنهن حصي پنهنجو ڀاڱ
تڙپي تڙپي ننڊ نہ آئي
تنهنجي آهي ياد ستايو
رستن جو آواز ڪنايان
توکي ايندو ساجن ڀانئيان
تولئہ مون بہ پچايو جاڳ
تنهنجن ڳالهين ڳاريو آهي
تنهنجي ادائين ماريو آهي
منهنجو موهہ ۾ چاهہ ديوانو
تنهنجو عاشق سارو زمانو
منهنجي اندر ۾ هي آهي
توبن منهنجي ويل نہ گذري
تنهنجي ياد نہ مون کان وسري
توکي ساريان هنجون هاريان
تنها تنها راتيون گذاريان
توبن مليو ناهي ماڳ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زندگي

زندگي – ڪنهن جو ڀڳهر ڇڻ ڪو گلاب
زندگي – اکين ۾ پوريل ڪوئي خواب
زندگي – ڪنهنجو ڇڻ زخمي بدن
زندگي۔ ڇڻ آ خزان، اجڙيل چمن
زندگي۔ آهي وڏو رنج و الم
زندگي۔ توري خوشي ۽ ڏاڍو غم
زندگي۔ آ، ڏوڙ جو طوفان ڪو
زندگي۔ پل پل ڪٺل انسان ڪو
زندگي۔ جي ڪنهن آ ماٺي ۽ ڇيو
زندگي۔ جي روپ ڪي ڇاٽي وٺو
زندگي۔ حسناڪين جو تاب آ
زندگي۔ ڇڻ حسرتن جو باب آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي- آهي ڪڙي، ڏاڍي منجهيل
زندگي- آ موت کان ڏاڍي ڊنل
زندگي- آهي فنا ۾ مختصر
زندگي - جو آ مٺو هرڪو پهر
زندگي- ڪوجهي بہ آ، ڏاڍي حسين
زندگي- نازڪ، نويلي، مهجبين
زندگي! او زندگي!! او زندگي !!!
موت سان تون راند ڇو ڪيڏين پيئي.
زندگي- صحرا ۾ ڇڻ واريءَ جو گهر
زندگي- آ روشنين جو ڪو شهر
زندگي- تارن پري ڪا رات آ
زندگي- ڇڻ پيار جي برسات آ
زندگي- ڇهري جي ڪا لالاڻ آ
زندگي- نيڻن جي ڇڻ آلاڻ آ
زندگي- ڪنهن ساز جو آواز آ
زندگي- ڌڙڪن ۾ ڪوئي ساز آ
زندگي- اُپ تي پکين جي آ اڏام
زندگي- گذري ويل ڪا آهي شام
زندگي- ڪنهن جي اکين جو آ ڪجل
زندگي- خوابن ۾ ڇڻ اکيون پڏل
زندگي - آ خاص ۾ ڪجهہ عام آ
زندگي- ڇڻ ڪا اجائي حام آ
زندگي- ڇڻ اس لهسيل جهنڊو


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي- ڪنهن جي هٿن جو سوجهرو
زندگي- چڻ درد جي ڪا دانهن آ
زندگي- ڪنهن ڪنڌ هيٺان ٻانهن آ
زندگي! او زندگي!! او زندگي!!
موت سان تون راند ڇو ڪيڏين پئي.
زندگي- شرمائي، مرڪي آ ڏسڻ
زندگي- ڪنهن جي اکيان ويٺو هجڻ
زندگي- ناري جو چڻ نڪ ٽوپيل
زندگي- آ چاهه جو والو پيل
زندگي- ڪنهن جي ادا جو ناز آ
زندگي - چڻ هيسيل ڪو هنيانءَ آ
زندگي- منجهه بہ آ، ڪينجهر بہ آ
زندگي، آ چڻ لاٽ تہ اُتر بہ آ
زندگي- آ ساڄ ٻيلي جو مندر
زندگي- گل، پاڻي ۽ آهي پٿر
زندگي- چڻ ڪا الهڙ آهي ڪنوار
زندگي- چڻ آجپائي جي پڪار
زندگي- سرحد تي ويٺل ڪو جوان
زندگي- چڻ پيار جو آهي نشان
زندگي- چڻ وقت جو جلاد آ
زندگي- بي رحم ۽ بي داد آ
زندگي! او زندگي!! او زندگي !!!
موت سان تون راند ڇو ڪيڏين پئي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنگ

جنگ جواني ڳاريندي آ
ماٺهو ماٺهو ماريندي آ
ڪيڏي قاتل چيز هي آهي
وسندڙ شهر اجاڙيندي آ

جنگ اها جا دولت خاطر
حوس ۽ حڪومت خاطر
پنهنجي انا، عظمت خاطر
سياسي، ذاتي طاقت خاطر
داٻي، رُعب ۽ ظلمت خاطر
جنگ نہ ٻيڙو تاريندي آ
ماٺهو ماٺهو ماريندي آ

بم گولا برسات وسي ٿي
اُلا، اڳ هي رات ٻري ٿي
لاشا وڪريل هن رستن تي
ڪچري واري وين ڪٽي ٿي
ماٺهو جو ملھ ڪهڙو آهي؟
جنگ تہ سڀ ڪجھ ساڙيندي آ
ماٺهو ماٺهو ماريندي آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنگ تہ ڏائڻ ڪوجهي آهي
قاتل، ظالم، وحشي آهي
ورديءَ تي ئي جهيڙو آهي
ماريو مئو فوجي آهي
جنگ سرن کي لُٽي وجي ٿي
خون جا دريا واهيندي آ
ماڻهو ماڻهو ماريندي آ
باهہ سان سارا شهر ٻرن ٿا
ڪهڙو کيل تو سوچيو چريا
جنگ جنون جو نالو آهي
موت جو هيءُ حوالو آهي
باهہ ۽ رت جي راند هي آهي
جيڪا نسل ميساريندي آ
ماڻهو ماڻهو ماريندي آ

هڪڙو ماڻهوءَ کي ٿو ماري
۽ ٻيو ان تي لڙڪ ٿو هاري
هڪڙو و،ٽو ان تي مُرڪي
کيپ کٽي ٻيو وينو ٻهڪي

ٻئي پاسي بدبوءِ وئي ٿي
ڪيڏا نسل هي کاريندي آ
ماڻهو ماڻهو ماريندي آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنگ سان امن ڪري ٿو قائم
باهہ سان برف ڄمائي ويٺو
انساني حق جو سوداگر
ڪوڙو ڪوڙ ڪمائي ويٺو
ڌرتيءَ تي بارود ٿو پوکي
موت کي جنگ ڏڇاريندي آ
ماڻهو ماڻهو ماريندي آ.

جنگ ڪرين۔ نفرت سان وڙهہ تون
جنگ ڪرين۔ دولت سان وڙهہ تون
جنگ ڪرين۔ غيبت سان وڙهہ تون
جنگ ڪرين۔ جاهل سان وڙهہ تون
جنگ ڪرين۔ ڪامل سان وڙهہ تون
جنگ ڪيئن ٿو۔ تون پيار وڙهائين
جنگ سان ڪيئن ٿو۔ نہ نسل بچائين
هيٺن جو همراهہ تہ تي ڏس
روشن ڪائي راهہ تہ تي ڏس.

ليڪن تون نسلن جو ويري
هيروشيما، ناگا ساڪي
تنهنجي ڪا تاريخ رهي آ
اڄ بہ اها دهرائين ٿو


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نسلن جا تون نسل اجاڙي
پنهنجي طاقت ڏيکارين ٿو
سارا شاهه شهنشاهه گڏجي
هڙون هٿ ۾ پڪڙيو وينا
تنهنجي هڪڙي ڇُرچ تي ڏس ڪي
پنهنجا ماٿو جڪڙيو وينا
توسان نيهن نباهڻ ۾ ڪي
پنهنجو رب وساري وينا.

يادن کي تو کپايان
مان پيار تو ورهايان
هوڪو ڏيڻ نہ آيو
ڪوئي وٺڻ نہ آيو
سارون، اهي اسان کي
جهوري، نهوڙي مارن
جاڏي بہ مان وڃان ٿو
پويان لڳي نهارن
ڪجهہ تلخ، ڪجهہ تہ شيرين
ڪوجهيون بہ ۽ حسين بہ
ڪڙيون بہ ۽ مٺيون بہ
ڏس ڪيتريون سٺيون هن
ڪٿجن تہ هي مهانگيون
وڪجن صفا سهانگيون .


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احساس جي هي بازي
پيهر وري آ جاڳي
چاهي ٿو لوڪ سارو
ڏين جي ڪوئي اشارو
ليڪن هي دل ڏڪي ٿي
بي ملھ پلي وٺي ڪو
سانڍي مگر رکي جو
پر ڪير پيار پالي
ان کي، ڪيئن سنڀالي
اوکو هي ڪم آ ڏاڍو
دنيا ۾ غم آ ڏاڍو
ان ڊپ کان تہ شايد
ڪوئي وٺڻ نہ آيو
هوڪو ڏيڻ نہ آيو
يادن کي ٿو ڪپايان
مان پيار ٿو ورهايان
چوڏهين جي چنڊ وانگي
مانڊي جي منڊ وانگي
ڇم ڇم جي ساز جهڙو
دل جي گداز سازن جهڙو

سنڌوءَ جي سير وانگي
گهورن ٿيون تير وانگي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي نوبهار مرڪون
دلين جو ٺار مرڪون
بس پيار پيار مرڪون
دل جو قرار مرڪون
مندر جون مڌر ٽليون
مرڪن جو مڌر ٽليون

ڪنهن سان ڪنهن سان پيٽ ڪيان
۽ ڪهڙي ڪا تشبيهه ڏيان

منهنجي يار نه جهڙو ڪوئي
آهي، نه ڪوئي ٿيندو
هي سڀ ڳالهيون، ڳالهيون آهن

تو سپنن کي ساپيائون ڏي
جذبن کي اپنائون ڏي
منهنجي يار نه جهڙو ڪوئي

تعريف ڪيان، هن جي ڪهڙي
گل، لهرون، چنڊ، ۽ ستارا سڀ
ڪي لفظ اچان به ڳولهن پيا
سڀ مون وانگي پاڳل آهن.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جي لهجي جو ميٺاس ڏسي
هت مشڪ، عنبر بہ شرمائن
هي موسم هن جي مرڪ جيان
جي چپ رهين، ڏينهن ٿي ڪوسو.

هن جو نانءُ بہ اهڙو آ جهوٽو
جي آيو ٿي سرهاڻ وئي
هن جي نيڻن جي مستي موهيو
ٿي هستي هيرن ڪاڻ وئي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نظم

لالچ جي هر منڊيءَ ۾ يارو
سارا چهرا ڪيش تين تا
ڪيڏا ماڻهو پيش پون تا
رنگ برنگي مڪڻا چهرا
جن تي ميڪ اپ جا ڄڻ پهرا
ڄڻ ڪي جهونا چوڪيدار
ڪنگهه جي ٽونڪر ۽ لاچار
موت جي ڊپ ڪان ننڊ نہ ڪن تا
پنهنجي گهر ۾ بار لڳن تا
اهڙا ڪيئي ماڻهو آهن
جيڪي پاڻ بہ وڪڻڻ چاهن
داءُ لڳائي، ملهہ وڌائي
پنهنجو پاڻ ڪي ڪن نيلام
ڪيڏا ماڻهو پيش پون تا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نظم

گلن جون پتيون سموريون ميڙي
دلين ۾ جذبن سان سي ئي پوئي
ڪليل اکين ۾ بہ عڪس تنهنجا
اسان جي ساهن ۾ رقص تنهنجا
۽ دور ڪي ئي سجائي سپنا
چتڻ ٿو چاهيان، تہ لفظ ڪونهن
اهي بہ تو جيان رُسي وڃن ٿا
جڏهن ڪيان ٿو انهن ڪي منٿون
ڪري پوءِ ماڻا، وري اچن ٿا
مگر جڏهن تون گهمڻ لڳين ٿي
نگاهون ساريون ڏسڻ لڳن ٿيون
سڄو زمانو آهي ريسارو
اکين ۾ توکي جهپڻ ٿو چاهي
جيئن نہ توکي ڏسي ڪوئي بيو
اکين ۾ توکي ڍڪڻ ٿو چاهي
مگر تون خوشبوءِ جيان ئي آهين
هوا ۾ وکري وڃين ٿي هرسو
ڪڏهن هوا بہ ڪا بند ٿي آ
ڪڏهن ڪا خوشبو بہ قيد ٿي آ؟
صبح جي ماکن جيان نرم تون
۽ سانجهہ جهڙي حسين آهين
تون دلربا، دلنشين آهين.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وقت

وقت آ تلوار سائين، وقت هڪڙي ڌار آ
وقت آهي جيت ڪنهن جي، وقت ڪنهن جي هار آ
وقت آ طوفان جنهن ۾ ڪيترا گهر ويا لڙهي
وقت جي ڪنهن سير ۾، ارمان ويا ڪي ئي پڏي
وقت آ جهونڪو جنهن جي تيز تر رفتار آ
وقت آڏو سڀ ننڍيا هن، وقت بيشڪ آ وڏو
وقت بدلايا زمانا، وقت آڏو هر متيو
وقت اوچو ۽ بلندي بي پهچ ڪو مينار آ
وقت آهي شام جو پيلو ٿي چڻ سج جو پڏڻ
وقت آهي لال ڳاڙهي گهوٽ ڪنهن جو چڻ ڪسڻ
وقت آهي ڪا نشاني وقت ڪوئي پار آ
وقت ڪنهن ڪندر جيان، ڪوٺيو پراٺو آ سڪو
وقت آهي جنگ ڪانپوءِ خاڪ ۽ هلڪو دونهون
وقت تي ئي وقت جو آهي ٿيو هر وار آ
وقت آهي ڪٿ تہ سڀ ڪجهہ ۽ ڪٿي ڪجهہ بہ نہ آ
وقت ڪٿ عظمت جو نالو پر هتي ڪجهہ بہ نہ آ
وقت جي هر ڪنهن ادا تي، ڪو لٽيو سؤ بار آ
وقت ڪان پُڇ، ڪيترا هن سر وڍايا، گهر لٽيا
وقت جي آڏو سدائين ڳاڙها ڳيرو هن ڪٽا
وقت جيڏو آهي ظالم، اوڏي هن جي مار آ
وقت آهي چانوَ ڪائي، وقت ٺتهڻ اُس بہ آ
وقت جي آڏو سڪندر دارا چڻ بي وس بہ آ
وقت جي هر سيج ۾، گل ساڻ گڏ ڪو خار آ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نظم

هجين شال آباد، منهنجا تون پٽڙا!
لڳي ڪين ڪوسو ڪڏهن واءُ توکي
ڪٽي ڪيترو ٻه جهوري ڪمزور آهيان
ڪٽي ڪين ڪو بار آئون سگهان ٿو
مگر جهول پنهنجو مان تولئه ڪٽان ٿو
۽ تو لاءِ پل پل دعائون گهران ٿو
ڦٽائي سندم چين، توکي ڏنم سک



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن تو طلب ۾ ڪا فرمائش ڪئي آ
هيو ڪجهه نه هٿ ۾، مگر تولهٔ آندم
سنڌئي ماءُ جا ڳهه گروي رکيل ۾
هيم جيڪي هٿ ۾ سو وڪٽي سمورو
وڏي توکي ڪاليج ۾ داخل ڪرايم
مون پل پل دعائون گهريون تنهنجي خاطر
اکين جو سچو نور ۽ جهُور چهرو
لنگهڻ تي ڪي ويلا به تاري چڏيا ها
مگر پنهنجو هرڪو گرهه توکي آڇي
پراڻا، سُراڻا چتين وارا ڪپڙا
مان پائي به خوش هان ۽ غم ڪوئي ناهي
هي سوچئي ته بابل تي گذريو ڇا آهي؟
جڏهن تون پڙهي پاس ٿي آيو آهين
چوين تو ابو هي صفا چٽ آهي
امان! جهل انهيءَ کي اچي هي نه آفيس
جو سنگتين ۾ منهنجي گهٽائي ٿو عزت
هر گهر ۾ لنگهي ٿو ڪنو گهر ڪري ٿو
هي پيري به ڏاڍي مصيبت وڏي آ
مگر وقت آهي هي ڦرٽو ۽ گهرٽو
ائين به ڪڏهن ٿيندو ته آهي!
سياڻي جي تنهنجو ڪوئي پٽ ٿيندو
خبر ناهي ان جو ساڳيو روپ هوندو
علم ۾ عقل ۾، فرق پوءِ به رهندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نظم

اي دل منهنجي غم نہ ڪر تون،
هي ڪاري رات بہ ڇاڻ ڪٽي،
۽ ڇاڻ اڃهو ڪا باک ڦٽي.

وحشت جون ڀانهون چوڌاري،
آ ڳڱهھ وڪوڙي لوڪ ويو
سڏ گهٽجي پيا ديوارن ۾،
آ سانت ۾ سارو شهر پيو
ڏئي وات تي، هٿ ڪي وڻاسين،
ڪا ساهہ جي لرزش ڪانہ اُٺي.

هو رائو ڦهليو رَئي اڏي،
طوفان اڃهو ڪو اڇٽو آ.
هي ميرانجهڙي آ سانجهي
ڪو صبح انهيءَ جو ٽيٽو آ.
هي ڪارنهن آهي انڌين جي
ڪنهن روشنيءَ جي راهہ لٽي!!

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## فرق

توکي شايد سارا ماڻھو
بدصورت، بيمار لڳن ٿا،
مون کي سي ئي سندر چھرا،
صدين جو شھڪار لڳن ٿا.

توکي پيار جا سارا جذبا،
سارا سپنا بار لڳن ٿا،
مون کي محبت وارا ماڻھو
موتي ۽ مھڪار لڳن ٿا.

توکي تنھنجون گذريل يادون،
درد پريا آزار لڳن ٿا،
مون کي تنھنجا سارا لھجا،
پاڄھ ۽ خوشگفتار لڳن ٿا.

تنھنجن منھنجن اکين ۾ ڪو
ظاھري خوف بہ ناھي سائين،
سوچ، سمجھ ۽ ديد جي ساري،
ڳالھ اھائي آھي پيارا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيار جا پل

خوشبوئن جي ديس جو
ڪوئي حسين شهزادو
هليو اڪيلو ويندو آ،
ائين ٻه ڪڏهن ٿيندو آ،
تراشي عڪس پيار جا،
پري حسين رنگ ڪي،
۽ ساز ڇيڙي، گيت ٻه،
سمائي پنهنجي مرڪ ۾،
اجا اداس ويٺو آ.

اکين ۾ خواب ڪي ڪٽي،
۽ جڙڪنڌڙ پل سوين،
جڏهن ٻه توڏي آيو ڪو
ڇڇي ويو ڀُري پيو
تون رنگ سڀ ڦري وئين،
۽ خواب سڀ ڪسي وئي.

اسان اداس، بيقرار
اجا ٻه راهه پيا ڏسون،
جڏهن ٻه ياد آئين تون،
ته درد موٽي ايندو آ،
ائين ٻه ڪڏهن ٿيندو آ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## خود فراموشي

پنهنجي سامهون آئينو
جنهن ۾ پنهنجو چهرو
مور نہ آ وڻندو.

◈

## شاعري

هڪ پوڳ آ
جنهن وسيلي زندگي جو
پيو اڏائجي مذاق.

◈

## ڪائنات

ڪنهن سرڪس جو حصو
جتي هرڪوئي پنهنجو
تماشو ڏيکاري،
۽ چوڌاري چارن جي اندر
ڪي ئي تا قاتل ڏسون.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## عشق

پنھنجو پاڻ کان انتقام
جو ڪڏھن لاھي پيو
ڪوڙ جا پردا سوين
۽ ڪڏھن چاڙھي پيو
حقيقتن تي غلاف۔

◈

## خدا جو گھر

تنھنجو ڌرتيءَ تي ھڪ گھر
جنھن ۾ ماڻھو
توکي ڳولھن پيا
ماڻھو ڪيڏانھن سادا آھن.
ھر ڪا دل
آھي تنھنجو گھر
جنھن کي ماڻھو
ٽوڙن ويٺا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيٽ

هو مونسان
۽ مان هن سان
ائين ڳنڍجي ويندا آهيون
جيئن ڪنهن ريل جون پٽڙيون
هڪ هنڌ ملي
پوءِ ٻيهر
جدا ٿي ونديون آ هن.

◈

## زندگي

ترڪش مان نڪتل آهي ڪو تير
جو ڪڏهن به جسم ۾
اوچتو ويندو ڪپي.

◈

## ميٺاس

تنهنجي ڳاڙهي ۽ رسيلي ٻت مان
جوڀن جو ميٺاس ٽمي ٿو
جنهن کي هي سارا ماٺهو
گهور وجهي
پنهنجي نظرن سان
چٽن ٿا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رستا

منهنجي سوچن جا
سڀ رستا
تنهنجي يادن جي
دروازن جي
هر پاڇي تي
ختم ٿين ٿا.

◈

## آس

تون جنهن کي بہ چاهين
اهو توکي
ڪائنات جيڏو
اڻ ميو پيار ڏي
آ پنهنجي جيون جي،
اها آس پياري.

◈

## ناتو

مان پن ڇڻ رت جو
پوين پهر آهيان
منهنجو بهارن سان،
ڏاڍو گهرو ناتو آهي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ترڙپ

چوڻ گهٽوئي تو چاهيان توکي
ڏين نتا لفظ
هي ساٿ مون کي
مان روز ان آسري ۾ آهيان
سياڻي توسان
جڏهن ٻه ملبو
ڪندس سڄي ڳالهه
مان دل جي پنهنجي
هزارين سپنا
سوين فسانا
تري اچن ٿا.

جڏهن تون سامهون
نظر اچين ٿي
۽ نيڻ پيارا
ڪٿين ڏسين ٿي
انهن جي گهرائين ۾
گم ٿي
وري جڏهن تون
اکين کان اوجهل
گهٽو پري جي هلي وڃين ٿي
تڏهن وري ساڳيائي خيال
جهنجوڙي جيءُ سندم وڃن ٿا

مان موتن کان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکين، اکين ۾
انهيءَ تڙپ ۾

اجا مران پيو اجا جيان پيو
ڏين تتا لفظ
هي سات منهنجو

تڏيا بار معصوم
مرڪي جڏهن بہ گهرن مان نڪرن
تہ گولين جو ٿي ڪاج
واپس نہ وريا
ائين رستن ۾
اڪيلا ٿي مريا

ٻڍا ۽ عورتون
بم گولن سان ڪيڏي،
جيون جا لمحا
اڏائن پيا ٿا.

اسان جا هي سارا
اڻپورا سپنا
اجان اکين ۾ ٿي اٽڪي پيا هن
مگر عالمي امن جا داعي
پتلين جيان ٿي
تماشو ڏسن ٿا.
چڏيان ٿو مان سڀ
ڳالهيون وساري


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رت جو ڦيرو

ڳالهه ڪرڻ سان
آس رکڻ سان
رُت ڪٿي بدلي آهي
جيسين رخ هوا جو مٽجي
تيسين رُت ۾ رتُ ڪي پرجي

رت بدلجڻ جا هيءَ رواج
ائين بدلائڻا پوندا آهن
پنهنجي سهڻن جسمن تي،
زخم سجائڻا پوندا آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## عالمي ضميرن جي نالي، فلسطين جي دانهن

او رت جا پياڪو!
او وحشي درندو!

اسان جي جسمن جون
ڪري پوتيون پوتيون
سڄي ڌرتيءَ تي
پکڙيون آهن
گلابي گلابي
جيئن گل ٽڙيل هجن

۽ جوين جي خوشبو مان
واسيل سڄو رت
پياسيءَ ڌرتي تي هاريو پيو آ

چمڪندڙ سهڻين ۽ پيارين اکين ۾،
خنجرن ٽنبيل آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڄار

آءُ تہ پوري متي
پٿر جھڙا ماڻھو ناھيون
جن جا جذبا، طوفانن جيئن
ڀاري ڀاري، برج اڏائن
جن جون سوچون گھريون ڳوڙھيون،
ريتن جون ديوارون ٽوڙن
رنگ انھن جا ريتا پختا
وقت جي اُس ۾، ڦيٽ نہ کائن
جن جي سھڻين اکين تي،
رنگ مفادن جا نہ چڙھن.
ڄاڻان ٿو
ھي سارا سنيا،
بس سپنا ئي آھن
اھڙا ماڻھو ٿِي وڃن تہ بہ
تنھنجا منھنجا ناھيل ڄار
ڪين وڪوڙي جيئڻ نہ ڏيندا
ان ھوندي بہ
ھن ڌرتي تي،
اھڙا ماڻھو روز ٿين ٿا
اھڙا ماڻھو روز ڏھن ٿا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## عڪس

وقت جي ٻانهن
پگهاري وئي آ
سارا ستل جذبا
جن جي چٽنگن،
فولادي ديوارن ۾،
ٺُنگ ڪري ڇڏيا آهن
۽ حالتن جي چنبن تي چانئيل
ڪو پاڇو راڪاس جو آهي
ليڪن،
رات جو پويو پهر
ڏس ڏيندو آ،
ڪنهن روشن اُجري،
۽ شفاف صبح جو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## تون ۾ درد

تنهنجو احساس اڄ منهنجي دل ۾ صنم
ڪنهن حسين خواب مان ڇرڪ ته جاڳائي پيو
تنهنجا پنيا وار هوا ۾ ڪليل
رت کي بسنتي ٿي خوشبو ٿا ارپن
تنهنجون اونهيون خماريل، گلابي اکيون
پٿرن مان به پاڻي وهايو ڇڏين
سي پٿر تتي آبشارو ٿين
تنهنجي ڳاڙهن چپن مان، پسي رنگ کي
ٿا چمن ۾ سدا گل ڳاڙها ڦٽن.

جهڙي ويل، ٻڌايو هو توکي ويو
ساري فطرت کي تو ۾ سمايو ويو
هاڻي سوچيان ٿو توکي جي ٺوڪر لڳي
ساري فطرت پرزا ٿي وکري وئي
هاڻي جيڏانهن ۾ جاڏي نهاريان پيو
هر ڪنهن شيءِ ۾ مونکي ملي درد ٿو
تنهنجي ئي درد پيدا ڪيو درد آ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وحشي سپنا

ڪاش! منهنجو وس پُڄي ها
وقت جي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي
خاموش بهاري چڙيان ها.

سج تي ڪي ئي پردا چاڙهي
روشنين کي قيد ڪريان ها.
گلن مان سڀ خوشبو روڙي
پنهنجي هٿ جي آڱرين سان،
رخ هوا جا ڦيرايان ها
۽ پوءِ،
پنهنجي ان "سجاڻپ" تي
وڏا وڏا ٽهڪ ڏيان ها.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جيون

هر ڪنهن کي هڪڙو پيرو هت
جيون جو منڙو ۽ ڪؤڙو
زوريءَ زهر پياريو ويو؟
ڪو جيئري پي ماريو ويو

جن لوهه پگهاريا
ڪونن جي سي اوت ٿيا
ڪنهن پاڻ ئي پنهنجو لاش ڪٽي،
پنهنجن ئي هٿن سان دفنايو
ڪن وقت جي رخ کي موڙيو
ڪن طوفانن کي روڙيو

جيون، چرچو فلسفو ۽ ساپيان
تن کي ماڻن اوکو ناهي
مرڪي مرڪي گهارڻ سولو ناهي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چهرو

ڦاهي گهاٽ جي پرسان، وڻ تي
سالن کان ويٺل آ چهرو
ڦاهيءَ جي تختي کي اڪثر
گهوري گهوري ڏسندو آهي
هر ڪنهن ڦاهيءَ تي چڙهندڙ جا
ويچارا پيرو ڪيڏندو آهي
۽ پوءِ هرڪو
روئي، مرڪي ڦاهيءَ ڦندو
پيار مان چمندي
ان چهري کي گهوريندي
ڪن پل ۾ گم ٿي ويندو آ.
ختم تماشو ٿي پوندو آ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سنگساريءِ محبت

تنهنجي شهر جي
چئو واٽي تي
ماٺهن جو انبوهه ڏسان ٿو
هٿ هٿ ۾ آ پٿر
اکيون پڏل، جسم رتوچاڻ

ڪمزور وجودن تي
پٿرن جو وسڪارو
هيل اسان جي،
شهر شهر ۾،
اهڙو آهي نظارو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## تنهنجو مُک

منهنجا جذبا
جن کي وقت جي ويرن
۽ جوانيءَ جي وحشت
وڌو هراس ۾
اڄ تنهنجو مُک پسي
ائين جرڪيا آهن.
جيئن سج جو پهريون ڪرڻو
صبح صبح جو آهي پکيڙيندو
خوشبوءِ روشني جڳ ۾.

◈

## سنگتراش

ماٺهو رستن تان ميڙي
مون ڏي پٿر
اڇلائن ٿا
آئون جهڙي ويل انهن کي
سهڻا سهڻا روپ ڏيان ٿو
تهڙي ويلي سارا ماڻهو
مونکان سي ئي سندر چهرا
کسي وٺن ٿا
چني وڃن ٿا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مرڪ

تنهنجي سرخيلي ۽ شوخ چپن مان
سرڪ پري ڪا مرڪ پيئان تو
پنهنجي اجڙيل هستيءَ ۾ مان،
جيون جوتي آڻ پريان تو.

◈

## گهور

منهنجي دل ۾، جهير پون ٿا
جسم ۾ ڪائي باهه ٿي پڙڪيو
جنهن ويلي تون،
نيڻ کڻي،
گهوري، مُرڪي
ڏسندي آهين.

◈


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شجره نسب

محبوب تا تہ سائين،
سڀني هن جهان ۾
اسان وٽ نہ آ ڪنهن
بم جي سڃاڻپ
نہ ٽئنڪن، جهازن ۽ بارود جي
نئين کيپ آهي،
اسان وٽ،
نہ ڪارون، مشينون ۽ روبوٽ آهن،
نہ ئي يو اين او ۾
ويٽو جو پاور
نہ ڌمڪاءُ، دهشت ۽ زور ڪوئي
نہ جنگي جنون ۽
سرن جا سوداگر
اسان وٽ رڳو
هڪڙي آهي نشاني
موهن جو دڙو آ
تهذيب نرالي
اسين اُن جا باني
۽ رکوالا آهيون.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪرت

صدين کان هي
ڪرت هلي ٿي
ڪي ڪي ماڻهو
پاڻ ڪپائن
۽ ڪي پنهنجو
رنگ، نسل ۽ ننگ
سرعام بازارن ۾
ڪن نيلام
پنهنجو ظرف، ضمير مٽائي
پنهنجون ساريون، آسون، سپنا
ٻه ڇڏن ٿا وڪڻي
۽ ڪن ٿا هي وهنوار
ليڪن هاڻي رسم هلي آ
ماڻهو پنهنجو
ديس ٿا وڪڻن
۽ انساني حق ڪن نيلام
اهڙا هوڪا آهن عام.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيارا اسان جو پيشو نا هي

توکي سمجهي پيار جي ديوي
جذبن کي سرهاڻ بڻائي
تنهنجي آڏو
ايندو آهيان
ليڪن هاڻي ڄاڻ پئي آ
تنهنجا سارا ڍونگ ۽ ماڻا
هي ساري فنڪاري آهي
جڻ ڪا تتل واري آهي
تنهنجي ڇهري جي ريکائن ۾
لالچ لوڀ رکو آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فرعون

هن جو هرهڪ لفظ
قانوني فرمان هو سڏبو
هن تي دانهن
ٿيڻ بہ هڪڙو
ڏوهہ وڏو ليکيو ويندو هو
اعليٰ هو انسان هو سڏبو
ڌرتيءَ جو ڀڳوان هو سڏبو
مرڪ ڀريو ان جو اشارو
جيون کو بخشي وجهندو هو
يا کو هڪ گهنج نرڙ جو
ماڻهو کي چيري وجهندو هو
۽ ان مڱي، ڏاڍ جي عيوض
پاپيءَ ڏاڍو ڪوس ڪرايو
معصومن جو هن ڌرتيءَ تي
چئني پاسو خون وهايو
فطرت جو قانون اٽل آ
هر فرعون جي گهر ۾ پيدا
هڪڙو ٿيندو موسيٰ آهي
هاڻي پڌجي تو ڌرتيءَ تي
ڪوئي بہ فرعون نہ رهندو
پر اڄ جي، فرعون هجي ها
سچ پچ تنهنجو روپ وٺي ها.




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## شيطان

او ايٽم بم جا
ايجاد ڪندڙ!
تنهنجي هي ايجاد
هڪ وحشي جنون
ڪانسواءِ
ٻيو ڪجهه به نه آ
تنهنجي هي ايجاد
اسرافيل جي ڦوڪ
کان به وڌيڪ تيز
۽ طاقتور آ
تون ته هن ڪائنات
جي سيني
شيطانن جو
ابو آهين.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## دائرا

پيار جو ڪوئي
دين نہ مذهب
عشق جي ڪائي
سرحد ڪانهي
جذبن جو ڪو
رنگ نہ آهي
دل جو ڪوئي
دنگ نہ آهي
دائرن ۾ بند هي ماڻهو
سچ ۽ چنڊ کي
روڪي سگهندا!؟



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پسيل ڳل، جهريل اکيون

بارود جا سوداگرو!
مظلومن جا همدردو!!
ڌرتيءَ جي ڪنڊ پاسي ۾
انسان وري ٿو ٻُڪ مري
ڪو ڏيل وريو ٿو ڏري
هي اڃيا، سُڪل ڪي چهرا
۽ هي هڏاوان پڃرا
هر ساهه ۾ آهي سور پيو
هر ماڻهوءَ کي مجبور ڪيو
هي ٻارڙا ننڍڙا، معصومڙا
ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ چنبڙيا
کير ٽيپي لاءِ سڏڪن ٿا
ڪنهن جهوليءَ ۾ ئي ڦٿڪن ٿا
ٿي انسانيت جي آ توهين
۽ نسلون اِئين ڏهجي وڃن ٿيون
پر پوءِ بہ ڪروڙين ڊالرن جون
خلائن ۾ مشقون جاري آهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيوٽران بم، مزائيل ۽ مارٽر
۽ ٻيا سوين
انسان مارڻ جا هٿيار
روز نوان ايجاد ٿين ٿا
جنگي جنون جا هي شوقين
سپر پاور ۽ حاڪم
پنهنجي پسند جون حڪومتون
۽ حڪمرانن کي سڀ ڪجهه ڏين ٿا
امداد جي نالي ۾ هو
ڏس ڪيڏو ٿا ڏوڪو ڪن
۽ روز نئون تماشو وجهن
معصوم ٻارن ڏي ڏسو
پنهنجي ضميرن کان پُڇو
هي خلا، چنڊ، تارا، مريخ
۽ هٿيارن جي پوڪ
پوئتي ڇڏي واپس اچو
پنهنجي ڌرتيءَ کي ڏسو
پسيل گل، جهريل اکيون
۽ خشڪ سارو آ بدن
تن تي بہ ڪا ڪهل ڪريو
۽ خالي خالي دنيا ۾
بس پيار پريو
۽ پيار پريو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مٽي مهان

اُجري صبح جي دلاسن ۾
بي نام بي نشان ماڻهو
پنهنجو رت ۽ سَت وهائي
سر سر جو نذرانو ڏيئي
بنا ڪنهن آواز ۽ نشان جي
ڌرتيءَ ۾ سپ گم ٿين ٿا
۽ پوءِ مٽيءَ منجهه ملن ٿا
سچ اهو آ ساڳيا چهرا
صبح جو گلابن جي صورت
پنهنجو روپ سجائي آيا
خوشبو ڪا وکرائي آيا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## روشن چهرا

منهنجي شهر جي
هر ڏاهي تي
پٿرن جو وسڪارو آهي
۽ انهن جي هٿن ۾
وقت جون سڀ زنجيرون
پيرن منجهه پيل آهن
ڏنڊا ۽ آڙا ٻيڙيون
مضبوطيءَ سان
جڪڙيل آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پلاند

ڪالهہ ڪتان ڪا
الهڙ نينگر
رستي ويندي
گم ٿي وئي
ستن ڇٽن جي
ڇيڙ ۾ ڦاٽي
ڏوهہ انهيءَ جو
ان جي بابل سان ڪو
رستي ويندي جهيڙو ٿيو هو
حيرت آهي
ان ڪانپوءِ بہ
هن ڏرتيءَ ڪو ڦاٽ نہ ڪاڏو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زندگي ۽ موت وارو فاصلو

اسپتال جو وارڊ
زندگي ۽ موت جي
وچ وارو فاصلو
بيڊ نمبر ستين تي ڪالهه
مرڪيو پئي جيڪو مريض
سو صبح جو ڪونه هو
۽ وري ٻارهين نمبر تي
سڪرات ۾ سهڪيو ٿي جيڪو
سو صبح جو ٺيڪ ٿيو
ڪو هتي جلدي مري ٿو
ڪو وٺي ٿو زندگي
پر هي سيئي بسترا
جلدي ٿا ڀرجي وڃن
۽ اهو ساڳيو هلي ٿو
وقت جو هي سلسلو
اسپتال جو وارڊ آ جڻ
موت ۽ زندگيءَ جي
وچ وارو فاصلو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٽندو ٻهاول

هي رات اڳي ئي
ڪاري هئي
ٻيو ڪارو آ وهنوار ٿيو
ان اونداهيءَ ۾
گهر سڙيا
ڪو ڪوس ٿيو ڪي مڙس ڪريا
۽ ٽيپو ٽيپو رت وَهيو
هي ڪيڏو آ انياءُ ٿيو
هر دل واري جو ساهه منجهيو
اي ڌرتي! ڇو نه ڏُڏي آ تون؟
اي اُڀ! تون به نه ڦاٽو آن؟
وڙهيو هتي جو لال لهو آ
ساري جڳ تي ڀاري آهي
جن ڪرٽ هلايا
سي ڪانئر ها ۽ پاپي ها
ڄڻ انسانن جا ويري ها
ان سڀي قتلام مٿان
انڌا ۽ ٻي حس ريڊيا
ٻي مهلا وينَي ٻونڪن ٿا
۽ ڇوڏاري اوناڙيون آهن
ڪي اوڇي سر ۾ ڪوڪن ٿا
اي ڌرتي! ڇو نه ڌڏي آ تون؟
اي اُڀ! تون به نه ڦاٽو آن؟!
ڇا تو به مالڪ آهي ڏٺو؟
جي پاڻ ڏسين ها
ڇپ ٿي هان؟؟؟
يا تو به ڏسڻ هت آهي ڇڏيو
يا منهنجو آ ويساهه کڄيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نالي واريون تختيون

هي بي رنگ چهرا
۽ بي نام ماڻهو
آواره هوائن
۽ وحشي نظريہ
صفا چپ چاپ
ڊنل ۽ اڪيلا
پراوا بورڊ لڳايون
ويٺا آهن
جو هو پنهنجي نالي ۾
جيئڻ جي ٽيڪس
ادا ڪرڻ جي
قابل بہ ناهن
۽ بنا ٽيڪس جي
هو پنهنجي درتي تي
نالي واريون تختيون
هٽي نٿا سگهن!!

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## دعائون

ماڻهن دعائون گهري
سُک ورتا
مون انهن سُکن کي
دردن سان ڌوئي
صاف ڪيو
جنهن مان وقت جو مير
۽ لالچن جو ڇيڙهه
نڪري ويو
مان انهن ۾ سچ جي
سفيدي
۽ پيار جي چمڪ اوتي
منافقيءَ جي هوا
ڪڍي، سڪائي ڇڏيو
هاڻي مان دعائون
گهران ٿو
ته،
اي مالڪ!
سُک ۽ پيار جي
ويرين کان
محفوظ رکجانءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نئون نسل

هن چيو تہ سنڌي ماڻهو
اڃان ڪجھ تہ ڏتو ئي ڪونهي
لوڙ ڏارين جي
آڻي پريندا سين ڌرتي
۽ ڪنداسين والار
ديسي ڪنداسين سڀ پرديسي
مگر هيءَ حقيقت آ
تنهنجي آقائن ۽ وڏن
بہ نہ ڌرتي اُجاڙي
تون تہ انهن جو
ڪمزور نسل آهين
ڇا مٽي تڪ اڇلائڻ سان
آسمان ٿيندو آهي ميرو؟
پنهنجو منهن بچائج
اسان جو سگھارو
۽ همت ڀريو نسل
اڃا تيار ٿئي پيو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## فرق

رستي هلندي
بس جي آڏو
ڪتو آيو
ڊرائيور گاڏي روڪي
مسافر چيس
هل بابا هل
هي ڪتو آهي
ڪو ماڻهو تہ ناهي
جو آڏو ايندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ها مون چيو پئي

مون چيو پئي
جي واٽ ويندي
ڏسين ڪو پٽر
انهيءَ ڪي ٽيڙي
ٽڏائي ڇڏجان
متان ڪڏهن ڪو
انڌيري راتين ۾
بي خياليءَ مان ڪائي ٽاپو
۽ رهڙ ڪائي
اچي نہ ان ڪي
ها مون چيو پئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ باغ مان گل
پٽي نہ ڇڏجان
ڪڏهن ڪڏهن ڪو
گهمڻ جي نہ ڪري
۽ پيار مان جي
پٽي ڪوئي گل
وجهي وارن ۾
بنا گلن جي
اِيئن نہ سوچي
تہ هيل ڪو گل
ٽڙيو ئي ناهي
ها مون ڇيو پئي
جي شام جو سج
ڏسين ڪو لهندو
سنڌوءَ ڪناري
هليو تون ويجانءِ
انهيءَ سمي ۾
پڏي ويين جي
تہ يادُن جي
ادا ڪجانءِ ڪا
۽ سمجهي ويجانءِ
بنا سبب جي
وري رُنو آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگر هو مُرڪي
سياڻي ايندو
جو اِئين ڪندو آ
ها مون چيو پئي
ڪتاب پڙهندي
يا گيت ٻڌندي
هو منهنجي آڏو
اچي وڃي ٿو
پنا ورائي
وڃان ته ٿو پر
ذهن ۾ ڪجهه به نٿو سمائي
۽ لفظ ڇيپانجي وڃن ٿا
اِئين جيئن ئي
اسان جون آسون ۽
سهڻا سپنا
صبح ٿيڻ سان
وڃن ٿا وسري
ها مون چيو پئي
گهڻو چيو پئي
مگر اڪيلو جو ويٺي ويٺي
تون ياد ساجن اچي وڃين ٿو
مان ٿي ڪو سَپنو
وري وڃان ٿو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## واپسي

شهر جي رستن تي
ڪنڌا پوکيا ويا آهن
۽ ماڻهو جي هٿن ۾
هٿيارن جا قلم
لڳايا ويا آهن
در ۽ درين تي
ٽائيم بم ۽ ميزائيل
فٽ ڪيا ويا آهن
ڪتابن ۾ زهريلا لفظ
۽ بارودي جملا
پريا ويا آهن.
قلم ۾ مَس بدران
باهه جا شعلا
اوتيا پيا وڃن
اسين سڀئي پنهنجن پيڙهن سان ڙيو
وچ سير ۾ بيٺا آهيون
هاڻي اسان کي گلاب
۽ سريلا گيت ڏئي
تون ڪيئن واپس
آڻيندي؟؟؟



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نمڪ خار

تون آ انسانيت ڪان عاري
ڌوڙ لڳي ٿي دنيا ساري
ٻڪ ۾ آهين، هٿ ڦهلائين
ماني ڳيي لاءِ ننگ وڃائين
تنهنجو مذهب دين نہ آهي
ڦرلٽ تنهنجو پيشو اصلي
پيڙ ٻاهہ جو ٻاريو آ تو
انسانيت کي ماريو آ تو
ٻانہڙا پائي جت پليو آن
پير ڪٽي تون جت هليو آن
ان ڌرتيءَ کي تو آ اُجاڙيو
پنهنجي ماءُ جي پوتي ساڙي
جن بہ توکي پيار ڏنو آ
تن کي خنجر توئي هنيو آ
تنهنجي لوبي ٽولي آهي
توکي نمڪ مار پوي شل
نسلين نسلين لعنت توتي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## شهر جا رستا

هن شهر ۾ هڪڙي
رسم هلي آ
سراپيو ٿيو
ڪَنجي وڃي ٿو
رت وهي ٿو
جُنگ جوان ۽ جوڌا اسانجا
ڪُسندا رَهن ٿا
رات ۽ سانت ۾
هن ڌرتيءَ تي
ڏسو تہ ڪيڏا
ڪيس ٿين ٿا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جلاد ڦرن ٿا
ڏپ اچي ٿي
لاش رُلن ٿا
گهر سَڙن ٿا
راهون لٽجن
تير وَسن ٿا
منهنجي سُهڻي شهر جا يارو
ڪي ٿي ڪونڌر
روز ڪُسن ٿا
شهر جون ساريون
اونداهيون گهٽيون
لاش تي هٿ ماتم ڪن ٿيون
ڪو به نه هاڻي واهي ٿئي ٿو
ساڻ ڪو وارث
ڪو نه اچي ٿو
لاش شهر جي
مرده خاني ۾
لاوارث طور پيا هن
شهر جون ساريون گهٽيون اونداهيون
رت ۾ آهن ٻُڏل
ڌرتيءَ جي ماڻهن جا لاشا
ڪيسين پنهنجا وارث لهندا؟
ڪيسين پنهنجا شهر لٽيندا؟؟.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## روايت

اسانکي جي چاهيو تہ
ڪُچلي سگهو ٿا
۽ جسم رستن تي
ڇَڏيو ڀل گسائي
ٻچيءَ ۾ گهٽيو
۽ ڦٽن تي ڇڏيو
لوڻ ٻُرڪي ڀلي
ميجون ٿا، جي چاهيو
دونهون شهر سارو
بڻائي سگهوٿا
ڪو آڙاهہ ٻاري
سوين سهڻا چهرا
جلائي سگهو ٿا
ميجون ٿا، تہ هڪ ڦوڪ سان
ڏيهہ سارو
اُڏائي سگهو ٿا
لٽائي سگهو ٿا
مگر ايترو توکي
ميڄو ئي پوندو
ٿا ڄاڻون تہ سڀ ڪجهہ
ڪري تون سگهين ٿو
انهيءَ هوندي بہ
اسان تنهنجي سامهون
اَٽل آهيون بيٺا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## موت سستو، جيون مهانگو

سارا ماڻهو
هيسيل هراسيل
شڪي نظرن سان
ايندڙن ويندڙن ڏانهن نهاريو
ڊپ وچان
پنهنجي مُنهن تي
هٿ ڏين ٿا
جيءُ چون ٿا
ڪي ئي بگهڙ
هلندي ڦرندي
رانيوناڙيون ڏئي تن کي
چيهون چيهون ڪن ٿا
آڏو تن جي
جي ڪو آيو
سڄو ماحول لُڏي وڃي ٿو
جهنگ جي سارن قانونن کي
جڻ وڏو ڪو خطرو ٿئي ٿو
جيون ڏاڍو مهانگو ٿي ويو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حقيقت پسندي

ماڻ ويرانين
۽ مقامن جي خاموشين کي
ڪين ٿو چاهيان
گهٽ ۾ گهٽ ماڻ
چہرو تہ ناهيان

---

هٿيارن کي اکيون
نہ هونديون آهن
البت هٿ
ضرور هوندا هن
جيڪي بہ
ذهنن کان خالي.

---

ڪلهہ رات جا بارش پئي
تنهن مونکي ڏس ڏنو
تون سالن کان ميرو
ٿئين اِئين من اجرو
رت لاڙ تان ڌوئي ڇَڏيو
جنهن لاڙ تي هو ڳيرو
فائر جو ٻڪ ٿيو
تي ڪنپ ڪنپ ڏار ويو
پنن تي رت ٽميو
سڀ ڌوپجي ٿيا اجرا
ڳريا مٽيءَ جا پيرڙا
شل جڳ هي سرهو ٿئي
هي اجرو لوڪ لڳي!!



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چانهه

خوبصورت لهجن،
حسين مُسڪراهٽ سان
جڏهن چانهه ٺاهڻ
مهل تون پڇيو هو
گهٽي ڪنڊ پيئندؤ!
مون مُرڪي نهاريو
تـ تون بـ ڪلي پيئڻ ۽
چيم! اڌ چَمچو
انهيءَ ويل سَچ پَچ
اِئين ئي ڪيو تو
مگر چانهه ايڏي
مٺي هئي جو جاني
لَڳو اِئين مونکي
انهيءَ ۾ جڻ تو
ڪي مُرڪون ملائي
گڏائي ڇَڏيون هِن
۽ پنهنجون اَدائون
رلائي ڇَڏيون هن
مان پنهنجي حياتيءَ جي
حسين لمحن جي
اهڙي چاهہ کي
وساري نـ سگهندس.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حصيدار

ڏک پڻ عجيب چيز آ
گھڻو لڪائڻ جي باوجود
نٿو لڪي سگھي
ساڳي طرح
خوشين کي بہ
لڪائي تہ نٿو سگھجي
مان تنهنجي ڏکن جو
حصيدار تہ ٿي سگھان ٿو
پر خوشين ۾ نہ
جو تون سدائين
خوش هوندو آهين!!

## رتو ڇاڻ

ڦول جھڙا بدن
چنڊ چهرا سيئي
ديس منهنجي جا ماٿهو
بهارون اَٿئي
مگر تن کي پاپي
کيا ڇو
رتو ڇاڻ آهي ڪيو تو!!



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ورهاست

پيار جو ڪوئي ڪاٿو
نہ آ انت ڪو
پيار توسان ڪري مون
ورهائي ڇڏيو
پنهنجو سارو وجود
وکرائي ڇڏيو.

◈

## نظر

اگهاڙين نظرن سان
اِئين نہ تَڪ
جو
مان بہ ٽڙي نہ پوان.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## دوکو

نظرن جو دوکو
يا ڇهرن جو ڦيرو
۽ لباس جي چَمڪ
هي گلئمر جي دُنيا
چڪ مڪ وارو طلسمي روپ
ورنہ
بتي وسائڻ کانپوءِ
هرڪا عورت
ساڳي ئي تہ آهي.

## سوال

رات جوڀن
جواني منجهان
ڀ ٽي پهر اڀين جي مونکي
باک ٻڌجي ڦٽان
ڳاڙهي سرخي ٽيانَ
روشني روشني ٿي ويجان
جڳ سڄو سوجهرو
سوجهرو مان ڪيان.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اڪيورم وارو

منهنجي گهر جي
ننڍڙي اڪيورم کي
سجائيندي
ان ۾
رنگبرنگي مڇيون ۽ پٿر
ساوا ٻوٽا ۽ پاڻيءَ جو فلٽر
ايئن لڳو ڄڻ
ته ننڍڙي سمنڊ کي
ڪيو بند آ تو
شيشي جي پيتيءَ ۾
جڏهن مون ڇيو ته
اچا ڪجھ مڇيون ڏي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو وراٽيو:
سائين، هي مڇين جي مرڻ جي
هي مند آهي
منهنجي ننڍي پُٽ
جڏهن ضد ڪيو هو
تہ اُن ڪي ڇيئي:
مرڻ جي مندن ۾
مڇيون ناهن وڃيون
وڃي مند متجي
مڇيون پوءِ وڃو
۽ پوءِ خبر پئي
مَڇين وارو ڪاڪو
ويو مارجي آ
مون سوچيو
مڇين جي مَرڻ جي
تہ مُند آ
پر ماڻهو مَرڻ جي
۽ مارڻ جي بہ ڪا
مُند آهي ٿيندي؟
مڇين جي مرڻ جي
ختم مند ٿي وئي
۽ ماڻهن مرڻ جي
وري مند آئي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ليڊر

حاڪم
جي سامهون
ڪي ليڊر
اِئين آهن
ڄڻ ڪي بوم
آپريٽر.

◈

## عورت

عورت هڪڙي
ميوو آهي
مٺو ڪٺو
ڪٺو مٺو
ڪڙو ڪارو
ٺڪو ٺِڪو
اُن جي لذت
ڏاڍي اوکي
ڏاڍي ياري
توبهہ زاري.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ماءُ

جي گھرجي مٽان
ڪو جهاز اُڏيو
پوءِ ماءُ گهري
هي آهي دُعا
اي مولا سائين
تون خيرن سان
پهچائينس منزل
هي ماءُ سچي
جڳ جي آ ماءُ
اُن ماءُ مٿان
قربان وڃان.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نہ هلندس نہ هلندس

نہ هلندس نہ هلندس
مان اڳي نہ هلندس
نہ ڪو پيٽ جو سڏ
نہ پاٽيءَ منو ڪو
نہ جلسو نہ موقعو
نہ ڪرسي، صدارت
نہ اعزاز ڪوئي
نہ تعريف، تمغو
نہ ئي واھہ واھہ ڪا
اھڙي پوءِ محفل ۾
مان ڪيئن ايندس
نہ ايندس نہ ايندس
مان بُلڪل نہ ايندس.
مان ڏاھو تہ آھيان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگر ڏاهو ناهيان
تا سمجهايو مونکي
مان سمجهو بہ ناهيان
اٽل آهيان
مان هڪ جاءِ بيٺل
جي ڪوئي ميجائي
پلي آزمائي
مان ڦرٽو نہ گهرٽو
مان ڏاڍو پڪو هان
ءِ نڪ جو پڪو هان
پڙهايو لکيو جو
پڪو مون ڪيو آ
جو هن جي مان آڏو
منشي تہ آهيان
پلي ٻيو سڏائي
مان اصلي نہ ويندس
نہ ويندس نہ ويندس
صفا مان نہ ويندس.
ڏسڻ ناهي عادت
ٻڌڻ بہ نہ چاٽان
اکيون، ڪن ءِ نڪ
ڪري بند ڇڏيا ٿم
تڏهن پاڻ کي ٿو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان بادشاهہ سڏايان
انهيءَ تہ خاصيت تي
وڏو تي پيو هان
اوهان بہ هلو جي
۽ اڳتي وڏو جي
تہ انڌا ۽ ٻوڙا
۽ گونگا تي هَلجو
انهيءَ ۾ نشو آ
وڏو ڪو مزو آ
انهيءَ لاءِ سوچيو
اٿم هاٿي جيئندس
مان جيئندس مان جيئندس
پلا ڇو نہ جيئندس
نہ هلندس نہ هلندس
مان اڳتي نہ هلندس
ڇڪيو ڇو ٿا مونکي
ڌڪيو ڇو ٿا مونکي
اَلاڙي نہ هلندس
اَباڙي نہ ھُلندس
قسم سان نہ هلندس
مان اصلي نہ هلندس
ڪنڌين ڇا تون مونکي!
پلا مان نہ هلندس؟؟؟



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 20 جون اسيمبلي

شاهہ جو رسالو پئي لهرايو
سنڌ جو نالو پئي ورجايو
صدقا، منٿون ۽ ايلاز
ڪنهن بہ نہ آهي سَڏ ورنايو
ڇو جو حاڪم شهر هو آيو
ماڻهن پنهنجو ڪنڌ جهڪايو.
قسم، واعدا سڀ وساري
مرحبائي گيت پئي ڳايو
هن ڌرتيءَ جو نمڪ کائي
ماڻهن ڪيڏو ڪوڙ ڳالهايو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُٽ ڏهيسر جو بہ اُن پر
ڪوڙ سمايل جنهن جي مَن پر
ويٺو هو سيد جو پوٽو
ڄڻ ڪو ننڍ جو اُن کي جهوٽو
فاضل جو اولاد بہ اُن پر
مير هيو ڪو اُن جي مَن پر
ٻيا بہ ٺيڪيدار گهڻا ها
سڀ ڪرسي کي پَڪڙي ويٺا
ناتا رشتا جَڪڙي ويٺا
پياس ڪا ايندڙ نسلن واري
ماتم ڪندي ڌرتي ساري
اُن جو نوحو اڄ لکجي پيو
ڪالاباغ جو ڊيم ٺهي پيو
هڪ هٽي ٿو ٻيو ڪٽي ٿو
ٻوڪي سان گڏ ڪيس ٺهي ٿو
ڪُرسي ڪارڻ ڇا نہ ٿئي پيو
ڌرتيءَ جو اولاد سمورو
هر ڇهري ڏي واجهائي ٿو
جيڪو روپ مٽائي ٿو
جنهن ڌرتي تي پير کٽي ٿو
اُن کي پل نہ ماءُ سمجهين ٿو
پر هڪ طاقت غالب آهي
مولا منهنجو مالڪ آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتظار

مان ڄاڻان ٿو تنهنجا سيئي
قول ۽ واعدا
ڪنهن پاڻيءَ جي ڦوٽي جيان
ڦسي پون ٿا
گر تين ٿا
انهيءَ هوندي به
مان تنهنجي ڏنل وقت تي
پاڻ اُپ پيرو بيهي
ڪريان ٿو انتظار
اجهو ڄاڻ ايندين!
مگر ڄاڻ آهي
اجا تون نه ايندين
جو هي مُند تنهنجي
اچڻ جي نه آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رُسامو

اِها بہ ڪا ڳالھہ آهي
جي تون رُسين تہ
پَل پَل توکي پيو پرچايان
پير ڇهان ۽ نيڻ وڇايان
پيار ڪريان ۽ سيني لڳايان
پر جي تون ڪا دل رَنجائين
۽ ڪوئي درد جاڳائين
توکي ڪائي
پرواھہ ناهي!.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## دانهن

اجان مَس تارئين
ٽڙيا گل ها ڳاڙها
۽ ڪنوارين پنهنجا پنيا وار ڪولي
اُس جي ٽڙڪي ۾ پئي سُڪايا
اجا ٻار ننڍڙا
گهٽين ۾ پئي ڪيڏيا
۽ پکيئڙن پٽين ۽ وڻن جي چوٽين تي
پئي چوڳ ورتا
اجا مَس ماڻهو
ڏئي هٿ هٿن ۾
پيار جي پيرن تي مَس ها
اجا پيار پُريا
ڪي دل مُرڪيا پئي
اجا مَس نظرن سان
نظرون مليون
اجا مائرون پنهنجن ٻچڙن کي
سيني سان لائي
ڏني ٿڃ هئي ٿوري
تہ اوچتو ئي اوچتو
هو قاتل لٽيرا
آدم خور وحشي
لانگ بوٽن جي هيٺان
ويا سَڀ لتاڙي
منهنجو ديس لوڪو
تي ڪنڊر ويو آ
مگر دنيا وارا
تا تاڙيون وجائن.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چنوسٽا

ڪالهہ اوندهہ، اڄ ڪارو ۽ سياٽي گگهہ آ،
فاصلا ساڳيا رهيا، پر قافلا متجي ويا،
جنهن بہ چيرڻ چاهيو اوندهہ جو هتي يارو غلاف،
هٿ رتوچاڻ تي، تنهن جا ڏسو ڪتجي ويا.

◈

نہ ڪنهن جي چڱن ۾ ڪوئي گل ڏٺو تم،
نہ گدري جيان ڪوئي ڳل ٿي ڏسان تو
وڪوڙي ويو سڀ ڪي افلاس آهي،
نہ ٿي ٽهڪ ٽڙيا، نہ مرڪون پسان تو.

◈

ويران ڪي آباد ۽ خوشحال چوين تو
انسان ڪي لاچار ۽ بدحال چوين تو
مورک تون اچا جاهلن جي بزم ۾ ويهي،
ماڻهن جو پيو ملڪ آڪال، چوين تو.

◈

مون تي پٿرن جو ٿيو وسڪار آ،
سچ جي، جي تند ڪي ڇيڙيان پيو
شهر وارن جي نوازش دوستو
راهہ مان پٿريون اهي ميڙيان پيو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چئوستا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تي پٿرن جو ٿيو وسڪار آ،
سچ جي، جي ٽند ڪي ڇيڙيان پيو،
شهر وارن جي نوازش دوستو،
راهه مان پٿريون اهي ميڙيان پيو.

هرڪو چهرو ذرديءَ مائل،
هرڪو جيون ڦارون ڦارون،
هرڪو پيٽ بکيو ٿو تڙپي،
هر ڪنهن ڳل تي لڙڪن لارون.

◈

روپ هر ڪنهن ۾ لٽيو آ هن ڏسو
ڪنهن دلاسي ۾ ڦري معصوم ويو
قاتلن جا ٻئي چنبا ڳاڙها اجان،
راهزن ٿي رهنما آهي پيو.

◈

جان جي ڪا ڳالهه ناهي، گهر لٽايون ٿا وڃون،
سچ کي صديون جيئاري، پاڻ گهايون ٿا وڃون،
پاڻ پنهنجو ڪنڌ ڪوري ٿا ڇڏيون لوڪو ڏسو
ڳاٽ کي اوچو رکيوسين، رنگ لايون ٿا وڃون.

◈

سانت ۾ پٿر هٽي، مون ابتدا آهي ڪئي،
شهر وارا ڇاڻ آيا، ڇاڻ ڪو ممڻ متو
ساهه جي هلچل ڏسي ٿي رخ نئين طوفان جو
منزلن تان ڪو ڦريو آ. ڪنهن، آ ٻلجي دڳ وتو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر چونڪ تي سجائي، بازار آهي ڏاهن،
ڏاهپ جو هر قدم تي هوڪو ہڏڻ پر آيو
هر باضمير ماڻهو حيران ٿي ويو آ،
سچ کي وڌيو ويو ڪو، لاشو ڏسڻ نہ آيو.

◈

هاڻ خاموش جي اٿيا آهيون،
چين تنهنجو ڦٽي ويو آهي،
پنهنجي آواز جي پڙاڏي تي،
گوڙ گهر گهر مچي ويو آهي.

◈

ڪيسين ننهن نڙيءَ تي رکندين،
ڪنهن ڪنهن جو آواز گهٽيندين؟
لاش گواهيون ڏيندا،
ڪنهن جا ڪنهن جا، ڪنڌ ڪٽيندين؟

◈

پيٽ بکين ڪان ماني چني،
بم بارود چو ٿاهين ويٺو
ماڻهوءَ بت تان ڪلون لاهي،
تن تي پوش، چڙهائين ويٺو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جو آ توسان تصور جو ناتو
انهيءَ کي مٽائي سگهيو ڪونه. سگهندو
ڪڏهن پي اڪيلا ٿي سوچي تہ ڏسجو
اوهان کي ديوانو ايندو ياد هوندو.

◈

ظالمن کان ملي جا خيراتي،
ڪين گهرجي ٿي زندگي اهڙي،
پيار پورهئي کي رک ڪري جيڪا،
بڻ پوي شال روشني اهڙي.

◈

سدا سچ جي ڳالهہ ڪئي آ ڪنداسين،
پلي پير ڦٽجن رلائي تہ ڏسجان،
اصولن جي خاطر اٿئي ڪنڌ حاضر،
زمانا! ڪڏهن آزمائي تہ ڏسجان.

◈

زردي ڪانہ وٺي چهرن تي،
جهيري پنهنجي رت ورهايون،
لال لهو چهرن تي هاري،
هرڪو چهرو لال بڻايون.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان سور سپنا ۽ سوداءَ ميڙي،
اوهان کي ڏناسين، ڪري ڪا نشاني،
اوهان پنهنجي چاهت جي خاطر اسان کي،
امانت ورائي مُڪي، مهرباني.

◈

زماني جي ڪنهن موڙ تي جي اوهان کي،
ڪي پلجي ستائن، اسان جون خطائون،
اوهان پنهنجي چاهت لئه پتجو اسانجي،
اوهان کي ڏيون ٿا سدائين دعائون.

◈

زندگيءَ جو سلسلو هر حال ۾ ڪٽجي پيو
لڙڪ لاڙي يا ڪلي يا زخم کو تازو ڪري،
سونهن کي محسوس مون هر روپ ۾ آهي ڪيو
پنهنجي احساسن ۽ دردن جي ڪائي خوشبو پري.

◈

قانون جتان جو آ پوڙو انصاف جتان جو انڌو آ،
ان وستيءَ ۾ دل وارن جو انجام الائي ڇا ٿيندو
زنجيرون ڪڙڪن ٿيون سامهون، هر سر جي آڏو آهي ڇرو
هت ڏاهن کي سچ جي عيوض انعام الائي ڇا ملندو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر سچ کي سچ جي نالي ۾، وڏيو ويو ڳالهه پراڻي آ.
پر سچ سدائين روپ نئون آ ڌاري آيو ۽ ايندو
ڪو پنهنجون اکيون ٻوٽي پل سورج جوئي انڪاري ٿي،
پر صبح جو تاءُ تڪو آهي، جو سچ کي تاري ويندو.

◈

انڌيرن سان اسان جو تون لڙڻ ڏسجان، لڙيي ڏسجان،
مزو آ. پيار ۾ ڏاڍو جلي ڏسجان، سڙيي ڏسجان،
زماني جو اڃا تائين رهيو ڪو هڪ رخ آهي،
هتي هر پل جو پنهنجو پهر آهي، گهڙيي ڏسجان.

◈

ورهائي جنهن ٻه خوشبو آ. انهيءَ جا هٿ وڍايا ويا،
هتي ڪجهه سونهن، سچ عيوض صلو اهڙو مليو آهي،
هتي تاريخ پيي نيلام پڙ تي آهي صدين کان،
ڪٽي پنهنجي ڪلهن تي پاڻ، هٿ هرڪو رليو آهي.

◈

زندگي آهي حسين، ان کي حسين ڪرڻو اٿو
رت جون ڦينگون ڏئي، هر رُت کي سرخو ڪريو
چئوطرف مهڪيا چمن ۾، ريتا ريتا لال گل،
ڳاڙها ڳيرو گهوٽ نڪرو، واءُ آ ڪوسو گهليو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪيان تنھنجي اسان جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿيو آھي،
وري احساس ڪوئي پيار جو پڙڪيو خبر ناھي،
اسان ڪي دل وري ڪافر ڪري وئي اوچتو لوڪو
اوھان آڏو اسان سر ڪي جھڪايون تا اھو ڇا آھي؟

دل جي آواز سوچ تي بندش،
سوچ ڪنھن ڪان نہ قيد ٿي آھي،
سچ لڪندو آ، پر گھڙيون ٿوريون،
بند خوشبوءِ ۽ روشني ناھي.

واريءَ جا گھر ٿاھي وٽ تون،
طوفان ايندو ميٽي ويندو
تنھنجو ڪوبہ نشان نہ رھندو
تنھنجو نالو ريٽي ويندو.

ڪي لٽيرا، مٽيرا گھٽا ٻيا ھتي،
پير ھڪڙو سڀ ڪان گھٽو آ مٽي،
ڪي ٻہ ٽي پھر ٿا لوڪ وينا ڦرن،
ھي حياتي سچي پيو نماٽا لٽي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل ٿي گهري سدائين آڏو هجان مان تنهنجي،
تهمت اچي نه توتي، ان کان رڳو ڊڄان ٿو
تنهنجي جمال خاطر سهسايو درد دل آ،
جهاڳو ٿو ڪائي جذبو توڙي جڏهن اچان ٿو.

◈

ڪي ڪي ماڻهو سچ ڳالهائي، گوليون ڪائي ڪِلندا آهن،
پر ڪي ماڻهو باغي ٻڻجي نينهن نڀاهي ويندا آهن،
پنهنجو جهول ڀرڻ جي خاطر، سڀ ڪجهه پنهنجو داءُ لڳائي،
ظرف ضميرن جا واپاري، ديس کپائي ويندا آهن.

◈

رات جو پوئين پهر ۾، چنڊ پڻ آهي ٿڪل،
پر اسانجي دل هي پاڳل، دل اجان جاڳي پئي،
هونئن ته سهڻي خواب جيان آهي وساري تو ڇڏيو
سار تنهنجيءَ ۾ رهي ٿي، دل اسانجي ٻي ڇئي.

◈

جي چمين هٿ هنر مندن جا ڇُم،
هٿ ٻئي ڪنهن چمڻ ۾ ناهي مزو،
پير جا هٿ چمڻ کان بهتر اٿئي!
پنهنجي منهن ۾ گهروڙي ڏي پوندو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوٿين مارچ، نياپو همت جو
چوٿين مارچ، حوالو عظمت جو
چوٿين مارچ، جدوجهد جو نانءُ
چوٿين مارچ، اجالو عزت جو.

◈

هي زندگي آ منهنجي، آئين تنهنجو ناهي،
ترميم جنهن ۾ تنهنجي شورا ڪري نه سگهندي،
هن جهڙو ڪوئي انسان صدين ڪانپوءِ ايندو
هي خال تنهنجي امت، مولا پري نه سگهندي.

◈

سجائي چهري تي ڪي روپ ۾ رکي تالو
پٽڙ جو ٻت اجا ڪو خدا ٻه ٿيو ناهي،
وري هو زلف چو چپ چاپ ايئن ويٺو آ،
نه گفتگو تو ڪري پر خفا ٻه ٿيو ناهي.

◈

جيئبو تہ ساري جهان جي خاطر
مرو اڪيلا۔ مري وڃو پل،
اڃهو هو آيو آهي نياپو
نه ماڳ منجو ڳري وڃو پل.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو بہ نفرت ۾ ڪجھ رهايو ڪين،
پيار ۾ مون بہ ڪجھ بچايو ڪين،
تنڪا طعنا، ستم سهي تنهنجا،
وڻ ڪوئي بہ مون واريو ڪين.

◈

پيار اٿمت اٿئي، ڪو نہ ميٺي سگهيو
پوءِ جهنجوڙي، نپوڙن مان ڇا فائدو
ڪنڊ جا بہ قلم پوندا آهن ڦٽي،
دار تي ڪنڊ ڪورڻ مان ڇا فائدو.

◈

ڪا سرڻ، باز ڪوئي لامارا تو ڏئي،
پنهنجي هٿ ۾ ڪبوتر جو آهي ٻچو
ڪنهن جهپڙ سان رتوڇاڻ تي هٿ ويو
هٿ رهڙون ٿيو ساهہ ڪوئي بچيو.

◈

وقت وريو تہ وري ايندا سين،
درد پريو تہ وري ايندا سين،
پيار محبت اسان تي قرض رهيو
سڏ ڪريو تہ وري ايندا سين.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وساري ڇڏيو چوٿين مارچ کي سيني،
مگر داغ ڌرتيءَ جو منجي نہ سگهيو،
وکامڻ خريدڻ جي بازار ۾ هت،
ضميرن جو وهنوار گهٽجي نہ سگهيو.

◈

اڃا زخم مارچ ڇٽو ڪونہ آهي،
نوان در ڌرتيءَ کي ملندا رهيا هن،
ڪٿو قدم گڏجي، ڪريو سڏ سڀ کي،
وري نفرتن جا نوان گهر ٺهيا هن.

◈

مڃون ٿا تہ چاهت ڪرڻ وارا آهيون،
اسان تنهنجي خوابن جي تعبير ناهيون،
جهريل ڳل، هڏاوان اسان جا بدن هي،
اوهان جي برابر ڪا تصوير ناهيون.

◈

مون کي آواز تي ڪين آواز ڏي،
مان ويل وقت ناهيان، جو واپس وران،
پيار جو مان مسافر هلان ماڳ تي،
تي سگهي ٿو تہ پيهر وري مان پوان.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي درد جو سمنڊ آهي، اُتي تو
هڪڙو جذبو ئي جيڪو لڇي ۽ گجي ٿو
لهر پيار آهي، نچي ٿي نچي ٿي،
ٿي چاهت ڪوئي ساز سُر ۾ وڄي ٿو.

◈

اڳ تہ هڪ ڏيہہ جي ڪا ڳالهہ هئي،
هاڻي ٿي چار ڏيہہ ۽ڏجن ٿا.
اڳ هيو ذڪر چانوٽي جوئي،
هاڻي منصوبا پيا ڪي رٿجن ٿا.

◈

سنڌ ايڏي يتيم بہ ڪانهي،
جو هي نيلام چونڪ تي ٿيندي،
تون رهين يا رهين ڪا ڳالهہ نہ آ،
سنڌ رهندي سرا سرا هي رهندي.

◈

سنڌ جو آهي هي حوالو
هڪ جسم آ ۽ ٻيو ساهہ.
قوم جي آهي هيءَ سچائپ،
هڪڙو سيد ۽ ٻيو شاهہ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نئون عزم، نئون حوصلو هو ڪٿي،
ڪالهه آيو هن اڄ وڪامي ويو
منهنجي ماضي جو هي حوالو آ،
رت راهن مان آهي اڏامي ويو.

## ڪُتو

رات سڄي ئي ڳوڙهي گذري،
ايوانن ۾ ننڊ ڪجهي ٿي،
رات وري ٻه ميلو مچندو
من ۾ ڪائي گونج وجهي ٿي.

ننڊڙا ڪاتيدار وٺن جي،
قرض انهن جي اوڳڙ ٿيندي،
جيڪي ملڪ وڃن ڳڙڪائي،
تن کي يارو معافي ملندي.

جٺن کي پي ايچ ڊي ڏيو ٿا،
ڪيڏو وڏو هي ظلم ڪيو ٿا،
منٽ ميڙ تي ٿيسز لکجي،
ان کي ٻه تحقيق چئو ٿا.

هي اهوئي فورم آهي،
ليکڪ جنهن ۾ پاهر ويٺا،
ادب دوست چوائڻ وارا،
ڪٿي ڏنڊا لهن بيٺا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اخبارون

اڄڪلهه جون ھي بس اخبارون،
تن مان ڇڻ ڪي ڪستي واريون،
پر جي سچ جو ساٿ نڀاھين،
سي سرڪار جون ناھن پياريون.

◈

ڪالهه وڏو ايڪٽر ھو ھو
اڄ بہ ٿيٽر کولي ويٺو
ڪالهه خدا سان ھئي گستاخي،
اڄ رڪاڻون ٻولي ويٺو.

◈

مي جي چسڪي، ميم جي نالي،
تي ھو سنڌ لٽائي آيو
اڄ بہ قوم جي نالي تي ھن،
ڪوڙين، ڪيڏو ڪوڙ ڪمايو.

◈

چنڊ سھڻو گهٽو برابر،
سو بہ تنھنجي نہ جاني مٽ آ.
پيٽ جو دوزخ جڏھن ستائي،
ماني لولو نہ ڪنھن ڪان گهٽ آ؟

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## فرق

مينهن وسي ٿو بجلي گم ٿي،
شهر ۾ تنهنجي ڇا نہ ٿيو آ،
منهنجن مارن عيد ملهائي،
ٿر ۾ جڏهن مينهن پيو آ.

◈

## بارش

ساوڻ جي بارش جا جلوا،
ڪهڙو ڪهڙو رنگ رچي ٿو
مينهن جو هڪڙو سگ سڪل آ،
ٻ ٻئي سگ تي مينهن وسي ٿو.

◈

## مادي ڪڪڙ

شهر ۾ هي ٻہ هل هليو آ،
مادي ڪڪڙ ٻانگ ڏني آ،
لوڪ سڄو حيران ويو ٿي،
هيل هي ڪهڙي واءُ گهلي آ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## بجيٽ

جا ـ آئي بجيٽ، ڏاڍ آ،
لوڪ سارو، چڙي تي هيسائي،
ڪو وڪڙ آ وڏو مهانگائي،
ماٺو ماٺو چڙي تي ڦاسائي.

◈

## ڪاپي ڪلچر

رسم هلي آ، هڪڙي اهڙي،
ڪاپي ڪلچر ڏس پتا هن،
چاڻ جنازو علم جو نڪتو
پينگ مدرسا تي تہ ويا هن.

◈

## خطاب

اوهان جو ڪهڙو جواب آهي،
اوهان جو سهڻو خطاب آهي،
مصالحو ٿورو گهٽو لڳي ويو،
لڳل جيئن ڪو خضاب آهي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ڏينهن

ڪي تا ڪارا ۽ ڪي ڳاڙها،
ڪي تا ساوا ڏينهن ملهائن،
منهنجي ڌرتيءَ جا هي ماڻهو
اڄ بہ ساڳيا ڏڪا ڪائن.

◈

مرڪڻ جڻ ميراث آ ڪن جي،
۽ ڪي روئي نير وهائين،
ڏاڍو ڳاٻو آهي سائين،
ماڻهو سچا ساهہ لڪائن.

◈

اڳ ريڊيو ۽ پوءِ ٽي وي،
هاڻي ٽيليفون آ آيو
پاس پروٽوڪول ڪان آهي،
حاڪم پنهنجو موڊ مٽايو.

◈

جج، عوام، پوليس جو جهيڙو
ڳالهہ وڏي هي آهي سائين،
نيرو ويٺو بين وڄائي،
ڪنهن کي ڳڻتي ناهي سائين.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خيانت جو هي ڪيل نئون آ،
ڪير چڪي ويو ڪنهن ڪي آهي؟
ڪجهه لمحن جي ڳالهه هي آهي،
اولهه، اوير، ملٽو ناهي.

◈

ابتدا آ گهر خدا جو انتها مسجد شريف،
تنهن عليءَ جي شان جي ڪهڙي ڪريان تعريف مان،
معرڪا ڪيڏا ڪيا جنهن، فتح ٿيو خيبر قلعو
ان جي هر ڪنهن عمل جي ڪهڙي ڪيان تعريف مان.

◈

وات آهي ننڍو ڳالهه آهي وڏي،
آ روايت نئين يا نئون سلسلو
هي اسان جي جمهوريت سدائين جيئي،
چيف جسٽس جي هاٿي اليڪشن ڪيو.

◈

انسانن جي توهين ٿئي ٿي،
ڏينهن ڏسون ٿا ڪيڏا ڪڙوا،
امن سڪون لاءِ ماڻهو پريشان،
موج ۾ آهن، سياسي پڙوا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر سان ملي جي، اسان جي نظر آ،
اکين ئي اکين ۾، وري بات ٿي وئي،
اسان جو تصور ٿي آباد ويو آ،
اوهان سان جڏهن به ملاقات ٿي وئي.

◈

اڄا وڏ ساڳيا، اڄا ڏڌ ساڳيا،
زمانو چوي ٿو نئون سال آيو
ڪلهه جي ڪيون تا ته ڳوڙها وهن تا،
اسان پنهنجي جذبن کي ڏاڍو لڪايو.

◈

مهر ڪرين ٿو ساڙ سڙين ٿو
پاڻ ئي پنهنجو ماس ٿو کائين،
ڪين ڏنئين جي، چو ٿو ڏکائين،
ڪهڙي مٽيءَ جو تون آهين؟

◈

جنهن کي نه مان سڃاڻان، تعلق نه ڪو رهيو
محبت جو ناڻءَ وٺي سا ڪاڻڻ اڇي پئي،
مون کان اڳ به ڪيترا بدنام هن ڪيا هن،
هاڻي لڳي ٿو شهر ۾ ڏائڻ اڇي پئي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ديس جي عظمت کي وحشين،
بازار ۾ آ نيلام ڪيو.
بندوق رکي هن سيني تي،
آ رسم انهيءَ کي عام ڪيو.

◈

جنهن ڪوڙ کي ڪوڙ چيو اُن تي،
ٿيو پٿرن جو وسڪارو آ.
جنهن پيار ورهايو آ ڏوهي،
نفرت جنهن آچي، پيارو آ.

◈

آ شهر شهر ۾ هُل ٿيو
هر هٿ اُيو ٿيو آ يارو،
جنهن روڪيو پيار جي طوفان کي،
تنهن وحشي جو ٿيو منهن ڪارو.

◈

سچ ڪوڙ جي پرک تہ سولي آ.
معيار مگر هت ٻيا ٿا.
ڪي ڪنڊن ۾ بہ خوش آهن،
ڪي گلڙن کان بہ ڀڄن ٿا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏئي خون جو ريج، گلشن سجايم،
ڪنڌن تي هلي، سيج توکي ڏيان ٿو
مٿان پنهنجي مشڪل جڏهن به آئي،
ڏئي توکي خوشيون، تنهنجا غم سهان ٿو.

◈

مون جو ڏٺو ازل ڏي ڪوئي لڇي پيو
خود پنهنجي ذات مون کي حيران ڪري ڇڏيو
فطرت بڻايو پيار مان انسان جنهن کي هو
سو حادثن بگاڙي حيوان ڪري ڇڏيو.

◈

پڏوسين ته اڄ پي نه آيو آهي هو
ٿڪل نيڻ پنهنجا، اسان بند ڪياسين.
ستم جو نئون ڪو طريقو روان آ،
نوان ڏي دل کي، اسان پٽي ڏناسين.

◈

مون کي آواز تي ڪين آواز ڏي،
مان ويل وقت ناهيان جو واپس وران،
پيار جو مان مسافر، هلان ماڳ تي،
تي سگهي ٿو ته پيهر وري مان پوان.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار اٿمت اٿئي، ڪين متجي سگهيو
پوءِ جهجوڙڻ، پنوڙڻ مان ڇا فائدو
ڪنڌ ڄا بہ قلم، پوندا آهن ڦٽي،
دار تي ڪنڌ ڪورڻ مان ڇا فائدو.

◈

دل چاهي ٿي تہ تنهنجي، سامهون سدا هجان مان،
تهمت اچي نہ توتي، ان ڪان مگر ڊڄان ٿو.
سوچيان ٿو هاٿي مس مس سهسايو درد آ دل،
جهاپو ٿو ڪاٿي جذبو توڏي جذهن اچان ٿو.

◈

تو بي وفا وساري، موٽي نہ آ نهاريو
ڪنهن ٻئي جي ٻانهن ۾، تنهنجو ٿو وقت گذري،
آ وقت ڏاڍو ظالم، پنهنجي تہ هٿ نہ آيو
اڄ هو ئي منهن تو ڦيري، جي ذڪر منهنجو نڪري.

◈

رات جي پوئين پهر ۾، چنڊ بہ آهي ٿڪو
تون اچا پاڳل اسان جي، دل هي روئين چو پئي،
هونئن تہ سهڻي خواب جيان آ هو وساري آ ڇڏيو
پيار جي اڻ تڻ ۾ قسمت هٿ نہ آئي، بي ڇئي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پنجڪا

ٻاهر آهي زور هوا جو لوڏن ۾ هر وڻ لڏي ٿو
بادل چمڪيو گرجيو برسيو پيڪيون سارو شهر ٻڏي ٿو
هڪ گهڙيءَ جو کيل آ سارو هڪڙي پل جو آهي وارو
بادل، برسي، گرجي ويندو ليڪن ساڳيو وڻ هي رهندو
تو گهرايو ڇو آ پيارا، نيٺ تہ پنهنجو وارو ايندو.

◈

سورج کي تون ڦوڪون ڏين ٿو سچ ائين تہ نہ لهڻو آهي،
چنڊ جي آڏو ڏاپ وجهي ٿو چنڊ انهيءَ ۾ اچڻو ناهي،
روشنين سان وير آ توکي، تون اوندهہ جو رهواسي آن،
توکي ڪائي ڄاڻ نہ آهي، خوشبو جو احساس ڇا آهي؟
فطرت ڪان اڻ ڄاڻ رهيو آن، سونهن جو تو وٽ ملهہ ئي ناهي!!

◈

هزارين حيلن ۾ سورن ڪانپوءِ، اسان کي جيون مليو هي آهي
اهو اسان تي تہ قرض آهي، نہ شاهي صدقو اڌارو ورتل،
گهڙي گهڙيءَ جا هي گهاوَ گهرا، مگر لڳن ٿا حسين ڪيڏا
ڪتل ڪٿو رنگ زندگيءَ جا، ۽ گڏجي پريو اچو مڙو سڀ
۽ ميڙيو جيون جا سارا لمحا، حسين يادون ڪنيون ڪيو سڀ

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنجڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لفظ لفظ ۾ پنهنجي دل جو، ريٽو ريٽو رت پريون ٿا،
سوچن جي تيشن سان کوري، تنهنجو ڪوئي عڪس چٽيون ٿا،
لفظ اسان جا خالي ناهن، خيال اسان جا رولو ناهن،
سوچ اسان جي سگهي ناهي، نيڻ اسان جا اڳ ڏسن ٿا،
ايندڙ لمحن جي قدمن جي، تکڙي ٿاپ ٻڌن ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيون جي گلدستي ۾ پي رنگ برنگي گل ٽهن ٿا،
سونهن، سچائي، آشائن ۽ خوشبوءِ جا احساس اٿن ٿا،
شرط اهو آ، جيون اهڙو جنهن ۾ سارا رنگ سمايل،
پوءِ جي چاهت جرم وڏو آ، آئون وڏو ڏوهاري آهيان،
خوابن جو سوداگر سڏجان، پل پل سندر سپنا چاهيان.

◈

اونداهي جي ديس ۾ ساٿي، پيلا سارا چهرا آهن،
ڪو تہ نپوڙي خون ويو آ، سچ تي پل پل پهرا آهن،
پوءِ پي ڪي اڄ رت ولوڙي، اونداهيءَ کي چيرڻ آيا،
ماٿهو ماٿهو مڙندو آيو ديوانن جو ميڙ متو آ،
ڳلي ڳليءَ ۾ گونج صدا جي، بستي بستي شور اٿيو آ.

◈

پٿرن جي وچ ۾ شيشي جو ٺاهي تون شهر،
پوَ مان هر چپ ڏي وينو تڪين ٿو هر پهر،
جاڻ ٿي، ڪنهن ويل تنهنجو پرزا ٿيندو هي محل،
ڪو پهر پنهنجو بہ هوندو هر گهڙي تنهنجي نہ آ.
بي مزي جي مان پي آهيان، چين توکي پي نہ آ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سانت ۾ ڏورانهن ڪان، آواز جو هُل ٿا ٻڌون،
پنهنجي آڏو وقت جون، اوچيون پٽيون آهن اپيون،
پنهنجي سڌن جا پڙاڏا، موٽ ڪائي ٿا ورن،
پر اُهي اوچين پٽين کي پيي ته لوڏي ٿا ڇڏين،
سڌ پنهنجا چين سان ڪنهن کي سمهڻ ٿا ڪين ڏين.

◈

وقت جي مرهم ۾ سڀ جا ڦٽ ٿا پرجي وڃن،
خيال جي جهوليءَ ۾ ماٺهو روپ ڌاري ٿا اچن،
حادثو پل ڪو وڏو ٿئي، وقت پل ناهي رڪيو
وقت جلاد سائين، جهول خالي ٿو ڪري،
ياد ڪنهن جيءَ ۾ اچا تائين ڏيئو ڪو ته ٻري.

◈

منهنجي ننڍڙي ابهم دل کي، ٽوڙي ڪهڙو ڪيپ ڪٽيو آ.
دل ٽٽڻ جي پرواهه ناهي، ڏک آ تنهنجو عڪس ٽٽو آ.
زخم پراڻا مڙجي ويندا، ليڪن ڪجهه نشان ته رهندا.
ياد وسارڻ چاهيان ٿو مان، تنهنجا ئي سي خيال ڏنگن ٿا.
لوڻ ليپون زخمن تي هاري، تنهنجا سپنا ياد اچن ٿا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيسي پيسي ايتر ٽياسون، هاٿي ڪوئي هٿ نہ لاهي،
هاٿي ڪنهن بہ ڏاڍ تي پاپي، هي ذرڙو ڪو ڦاٿ نہ ڪائي،
چاڻ وڏو ڏماڪو ٿيو ڪو وقت اجهو ويجهو آيو آ.
تنهنجا سارا عيش جا اڏا، هڪڙي پل ۾ پرزا ٿيندا.
هن ڌرتيءَ تي صدين تائين، تنهنجا انگ ئي وکريل هوندا.

◈

جيب وڏي تو سمجهو شايد، هاٿي ڪو آواز نہ ايندو
سيني تي سنگين ڏسي ڪو ڪاري رات کي ڏينهن پيو چوندو
لوپي! تنهنجي سوچ اجائي، تون تاريخي انڌو آهين،
ماٺو ماٺو ناندو آهي، تيز تکي هي جر اٿي آ.
چاڻ وڏو ڪو پيڙ پڙڪيو ڏاڍ ڏمر جي واءُ لڳي آ.

◈

تون ۽ مان هڪبئي جي ويجهو ليڪن ڏاڍا آهيون ڏور،
ڌرتيءَ کي آڪاش تکي جيئن، آءٌ وجهان ائين تو ۾ گهور،
اکيون پوري سوچيندو هان، پنهنجو ناتو کهڙي ڪم جو
منهنجو توسان، تنهنجو مونسان، هڪ اجايو ناءُ ڳنڍي ٿو
ها پر چيچڻا پيي تہ ناهيون، چو نہ ملون ٿا، ڪير رنڊي ٿو؟

◈


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت جي ڪوري مان ڪي ڏس، سخت ٿي آيا، پاڻ پچائي،
دکي دکي ڪي سڙيو ويا هن، پاڻ ئي پنهنجي خاڪ اڏائي،
هرڪو پنهنجو پاڻ سجائي، خاموشي مان گهوري ويٺو
وقت جي هٿ ۾ آهي ڇرو سرڪش! ارڙو ڪنڌ ڪپي ٿو
لهندي سج کي ڪوڻ پڇي ڪو چڙهندي سج ڏي هڪ جهڪي ٿو.

◈

هر ڪنهن هٿ ۾ آهي پٿر، چونڪ چونڪ تي ميڙو آهي،
سچ ٻچيءَ ۾ ڦاهو پيو آ، ڳالهه انهيءَ تان جهيڙو آهي،
راڪاسن جو راڙو آهي، چنبا ڳاڙها، چهرا پيلا،
هرڪو زخمي رت وهايون، ٽيپا ڏرتيءَ تي هاري ٿو،
سندر ڪوئي گيت ٻڌائي، پنهنجي اندر کي ماري ٿو.

◈

لفظ لفظ ۾ پنهنجي دل جو رڻو رڻو رت پريون ٿا،
سوچن جي تيشن سان ڪوري، تنهنجو ڪوئي عڪس چٽيون ٿا،
لفظ اسان جا خالي ناهن، خيال اسان جا رولو ناهن،
سوچ اسان جي سڪٽي ناهي، نيڻ اسان جا آڳ ڏسن ٿا،
ايندڙ لمحن جي قدمن جي، تڪڙي تڪڙي ٽاپ ٻڌن ٿا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن سچ چپ تي آندو تنهن جي ڳچيءَ ۾ ڦاهي،
صدين کان سچ سوريءَ جي آهي سيج ماڻي،
اوکي ازل کان آهي، اي دوستا! هي کهاڻي،
سنگتي اسان جو سورج، ڌرتي اسان جي ماتا،
ڇاڻان ٿو مون ٻنهي جا، مرڪي جي گيت ڳاتا.

◈

ڪاريءَ آ رات يارو وحشي پيا پڪارن،
اونده جو زهر، اوتي الٽي ڪئي ستارن،
ڳاڙهي آ ليڪ اڀري، اونده جو سيس ڪٽبو
راتين جو رت ريٽو باکن جي نالي سڏجي،
هر ڏينهن جو اُجالو راتين جي واتان ڏنگجي.

◈

ان جي ڳلن تان ڳوڙهن لارون لڙيل ڏسان ٿو
ڪارين ڇڳون هٽائي، بوندون اهي اگهان ٿو
چپ چاپ منهنجي سامهون بيٺي ائين ڇو آهي؟
ڇو ٿي نهاري گهوري؟ معصوم چهرو ٺاهي،
مرڪي ٿي مونکي ٺاهي، ڪاوڙ ڪري هي ڏاهي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چو اپ راز سانديو خاموش آهي ڏرتي،
پاڻي اجا بہ گونگو آدم اجا بہ ارڻي،
توکي جڏهن ڇهان ٿو ٻهڪي ٽڙي پوين ٿو
سامهون جي تون اچين ٿو من بود ۾ اچي ٿو
ٻارن جيان خوشي ۾، جذبو بہ هر نچي ٿو.

ٽڪرائي دل پٿرن سان، پرزا پرزا پاڻ ٿي آ،
ڇيت ڇيت ٿي وکري هئي جا، ميڙي ٻُڪ ۾ مون وڌي آ.
اڄ ٻيي ڪائي سوچ اچي ٿي، ياد جا زخم پون ٿا اٿلي،
وقت ميت آ، لفظ زخم ۽ دنيا آهي ڦرهي،
چنڊ ستارا، سورج گهايل، ڌرتي ٻيي آ ارهي.

پنهنجي دل نپوڙي وسارڻ ٿو چاهيان،
جڏهن ياد ماضيءَ جا لمحا ٿو ياڻئيان،
مگر تنهنجي سامهون جڏهن ٻيي ٿو گذران،
لڳي ٿو تہ تون بہ ائين ٿي ڏکين ٿي،
۽ چانڊاڻ ۾ تون، اسان جيان جلين ٿي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر طرف اڄ سانت آهي، شهر ٿيو سنسان آ،
ڇاجي لئہ آئي آ ڏائڻ، جو لڪيو انسان آ،
راهگيرو اڄ اچو ڳاهيو نئون ڪو قافلو
مشعلون هٿ ۾ کڻو جيئن روشنيون جرڪي پون،
قافلا اڳتي وڌن ۽ منزلون مرڪي پون.

◈

وقت ڇپياتي ويو آ، زندگي جو سلسلو
رت جي خوشبو اچي ٿي، آ لمحي جو فاصلو
ابن آدم تي ٿيو ڪيڏو ظلم، تون ماٺ ٿئين،
وقت جي ويرن ٻڌايو توکي يي شايد پتر،
يا ٻڌين ٿو ڪين تون يا بند آهي تنهنجو در.

◈

ريت جي ديوار تي ڪو نقش ٿو اُڪري پوي،
لفظ هن اڻڄاڻ، تنهنجو روپ ٿو اُتري پوي،
مان ميان ٿو آهي بيٺل، پوءِ بہ پاڻي ئي آ،
ڇو اجايو ڊنڊ جي پاڻيءَ مٿان ليڪا ڪيين،
۽ ڪٽي سنگين ويٺو تيز ڇولين کي وڌين.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوان رهبر، نواز راهي، نئين منزل کي چاهيون ٿا.
اسان کي ڇو ٿا ڏيجاريو اسان مشڪل کي چاهيون ٿا.
آئي موسم گلابن جي، وري اڄ ڦٽ ڪلن پيا.
وٺي منصور بلاول جو، اسان ڪو روپ ايندا سين.
جڏهن سچ کي گهٽندو ڪو تڏهن گهٽيا ئي ويندا سين.

◈

ساهن ۾ بي ترتيبي آ، ڌڙڪن ۾ آواز نہ آهي،
چوڌاري آ روڄ هوا ۾، گل ۾ ڪائي خوشبو ناهي،
سچ پچ ايڏو ڦيرو آيو يا فطرت آ پاڻ مٽايو
يا واريءَ جي ڳوٺن ۾ اڄ، آهي ڪو راڪاس آ آيو
پيار ڪندڙ معصوم دلين جو جنهن آ پاپيءَ خون وهايو.

◈

ڇو تروار اڇن ٿا، ڏنڊلا ڏسون ٿا پاڇا.
دل مٺ ۾ پڪوڙي، من جي نپوڙيون آشا.
جيون جي سلسلي کي، موتين جيان وکيري.
نيپا اسان جي رت جا، لارون ڪري ڳڙن ٿا.
ڳاڙها، گلابي، ڪومل، مٽي مان گل ٽڙن ٿا.

◈


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿ ۾ ڪٽي چرا ڪي، اونده جو ماس ڪوريون،
ٽڪرا ننڍا ڪري ڪي، پربت اڇو ڌ پوريون،
پٽر پٽر سان جوڙي، آ يادگار ٺاهيون،
خاموشي ۾ موتي جيئن زندگي اچي ڪا،
اونداهين ۾ وکري، جيئن روشني وڃي ڪا.

⟐

ڳليءَ ڳليءَ بارود جي بوءِ آ، هٿيارن جا ديرا آهن،
هر ڪنهن در تي رڪ پئي آ، ماڻهو من جا ميرا آهن،
چڻ ته ڊوائيس تي سڀ وينل آهيون، هڪڙي لمحي خاطر،
ٻٽڻ ڪنهن جي هٿ ۾ آهي، ڇاڻ ڌماڪو ٿيڻو آهي،
ساهه ٻوساٽي، تڙپي تڙپي، باقي جيون جيئڻو آهي.

⟐

هي روڊ سارا رستا، رنگين رت سان ٿي ويا،
پنهنجي لهوءَ جي خوشبوءَ سان شهر واسجي ويا،
ڌرتيءَ جي سينڌ ۾ چڻ ڪنهن آهي پريو سندور،
ڪي گهوٽ ارڏا اڙٻنگ ڪلندي ئي گم ويا ٿي،
واٽن تي تن جا نيشان، ظاهر اڃان پيا ٿي.

⟐



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي ميدان جنگ آ، چئوطرف ڀاڪار آ،
مڙس ماڻهوءَ جي مگر گهٽي نہ ڪا هاڪار آ،
وقت آ، ڀاڻيءَ جو ڦوٽو ۽ حياتي مختصر،
ڪي هميشہ لاءِ اُڀ تي چمڪندڙ تارا رهيا،
ڪي وري مٽيءَ جي هيٺان پوءِ بہ ڪارا رهيا.

◈

مرڪ ڪنهن جي ڄڻ گلابن جو ٽڙڻ هو پوَڻ،
لڙڪ ڪنهن جا ڄڻ ستارن جو ٽٽڻ هو پوَڻ،
چنڊ جيان چهرا سدائين چمڪندا پوءِ بہ رهيا،
ڪٿ اهي سج جي تپش ۾ ڪين ٿا ظاهر ٿين،
ڪٿ وري اوندهہ ۾ تجلو ۽ اجالو ٿي وڃن.

◈

هلندي هلندي ڪلندي ڪلندي تو بہ پنهنجا رستا مَٽيا،
ويندي ويندي روئندي روئندي مون بہ ڏکيا ڏينهن ڪي ڪٽيا،
وقت تہ تنهنجو منهنجو ساٿيو ڪٽڻو هو ۽ ڪٽجي ئي ويو،
اڄ بہ توکي ياد ڪيان ٿو ۽ تون ڏاڍو ياد اچين ٿي،
منهنجي ياد وسارڻ واري، ڏاڍي تون بي چين لڳين ٿي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو ڪنهن جي لاءِ جيئي ٿو!؟ ماڻهوءَ تان ويساهه ڪڇي ويو
گڏهه ڪي ڪٽ ابو سڏجي، رهبر، رهزن آ بڻجي ويو
گڻ اوگڻ ڳالهه پراڻي، ڪوڙ جو سڪو هر جاءِ هلندڙ
جيڪو جيڏو ڪوڙ هڻي ٿو اوڏو ئي ٿو اعليٰ سڏجي،
جيڪو جيڏو دوکو ڏئي ٿو اوڏو هو ٿو بالا سڏجي.

◈

اڄ هوءَ آئي، منهنجي سامهون، نظرون ڦيري ايئن هلي وئي،
ڪالهه هوءَ آئي، سامهون بيٺي، هٿ ملائي ساڻ ڪٽي وئي،
مان بہ ساڳيو هوءَ بہ ساڳي، وقت بہ ساڳيو حال بہ ساڳيو
ڪالهه هوءَ منهنجي نانوَ تي پنهنجو قد وڌائي هلندي آئي،
اڄ هوءَ منهنجي هنيانوَ تي پنهنجو سر هلائي هلندي آئي.

◈

هڪ جهاز هوا ۾ ڦاٿو هلڪو ٿي ويو بار دنيا جو
ماڻهن سمجهو ڏنڌ هٽي ويو هلندو ڪاروبار دنيا جو
ڪانوَن واري هن دنيا ۾، هرڪو چهرو ساڳيو آهي،
چور ۽ چوڪيدار جي وچ ۾، ننڍڙي ليڪ جو ڦيرو آهي،
ماڻهو ، موتيءَ داڻو بہ آ، ماڻهو من جو ميرو آهي.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دوھا

ٻين ٻين پئسي، ٽئين ٽئين آني، ھت وڪاڻي يار وزارت.
چئين چئين آني ھت ميمبرن جي، ھاڻ ھلي پئي يار تجارت.

ماڻھو ھونئن تہ انڌا ناھن، حوس بڻايو آھي انڌو
پنھنجو پنھنجو ھٿڙو ڪولي، سينِي مچايو آھي ڏنڌو.

اڳي شيطان ھيو ھڪ، ھاڻي ڳليءَ ڳليءَ ۾ آ شيطان،
ڳولھڻ تي بہ ڪين ملي ٿو اڻ لڀ ٿي ويو اڄ انسان.

ڪوڙ اسان جو قومي ڏنڌو لالچ آ نشان اسان جو
ماڻھو مارڻ عادت ڪُٺھن جي، ڪوس ڪرڻ آ ڪم اوھان جو.

ڏوڙ اڳي ھئي، ڪوڙا توتي ۾ اڳتي بہ ڏوڙ ئي ھوندئي،
تاريخن جي صفحن اندر لعنت، لعنت ھرڪو چوندئي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نيڙو

ڦڙ ڦڙ وسي مينهن،
توکي ساري ساجنا،
لڇيم سارو ڏينهن.

◈

تنهنجو وات گلاب،
چوسيم تنهنجا چپ،
سهڻو چڻ ڪو خواب.

◈

ڪتو ڏاڙهي ٿو
سمجهي پنهنجو بچاءُ،
ماڻهو ماري ٿو.

◈

ننڍڙا روئن پار
آهي احتجاج،
دنيا توتي مار.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿن پيرن ميندي
پوست مارنمر ڪندي
ويئي دل ڏکي.

◈

چڇريل هو لاش،
ماڻهو آ، يا ڪو ٻيو
وحشت جو واس.

◈

پنهنجو وجود،
آهي گواهي،
حق موجود.

◈

هر سنسار،
چڻ اٽپورو
پنهنجو پيار.

◈

ڏاڍا کهرا،
گهڻا روپ هي،
چهرا چهرا.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهڪن ٿا،
ريڊيو ٽي وي،
ڀونڪن ٿا.

◈

ها، ڪي تاجر،
ديس دروهي،
چڙ ڪي ڪانئر.

◈

ميجي آڻ،
ڪوڙو ماڻهو،
آ گدلاڻ.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هڪ ڪردار اهڙو بہ آ

تنهن جا لفظ
برابر سهٽا
تنهنجا ٻول بہ
ٺانڊاٽا هن
ڳالهائين ٿو
ڏپ اچي ٿي
جيڪا تنهنجي
نيت ڏَسي ٿي
تون بدبوءِ جو
بادشاهہ آهين!!

◈

# حادثو

هي حادثو آ وقت جو
انسان گهري ٿو
انسان ٿي تہ انسان ڪان
جيءَ دان گهري ٿو
چوڪيدار چوريءَ جو
سامان گهري ٿو
انصاف ٿي انصاف ڪان
پروان گهري ٿو
سچ ڪوڙ ڪان سچائيءَ جو
اعلان گهري ٿو.

◈



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

